ماهوار
بيداري
حيدرآباد
شمارو: ٢٤٣ - سيپٽمبر 2015
قيمت: ٢٥ رپيا

ايڊيٽر
محمد موسيٰ پٽو
موبائيل نمبر
03313686186

مجلسِ ادارت
• شيخ محمد يوسف
• پروفيسر عبدالرحمان جتوئي
• علي اڪبر راهمون
• مولانا محمد رمضان مهيري

E.Mail
MonthlyBedari@gmail.com
www.bedarimillat.com

فهرست


| | | |
|---|---|---|
| يورپ | عاشق مغيري | 1 |
| انساني ڪردار ۾ تباهي جي واٽ تي | | |
| انساني عضون جي وڪري جي حوالي سان بحث | | |
| ملڪ کي لاڳو چيلينج | اشفاق احمد پٽو | 12 |
| ۽ ان سان منهن ڏيڻ جي حڪمت عملي | | |
| پس منظر ۽ پيش منظر | | |
| اسلام ۽ فردن جي وچ ۾ | محمد موسيٰ پٽو | 16 |
| جنگ جو اصل ميدان | سڪندر علي گهچون | |
| جديد انسان چو واٽي تي (مستقل سلسلو) | علامہ محمد اسد | 23 |
| ترقي پسندي جو بنيادي نظريو (مستقل سلسلو) | سنڌيڪار: ڊاڪٽر عبدالغفور جمالي | 33 |
| شاه ولي الله جي اصلاحي تحريڪ | علي اڪبر راهمون | 45 |
| ۽ اسان جي لاءِ رهنمائي | | |
| شاه جو ڪلام ۽ ان جي تشريح | محمد موسيٰ پٽو | 51 |
| | آمنہ حامد زبيدي | |
| برما جي مسلمانن جي حالت زار | علي اڪبر راهمون | 70 |




عاشق مغيري

# يورپ

## انساني ڪردار ۾ تباهي جي واٽ تي

### انساني عضون جي وڪري جي حوالي سان بحث

اج ڪلهه هڪ انسان جي جسم جي عضون کي ٻئي انسان ۾ منتقل ڪرڻ واري پيوند ڪاريءَ جي عمل ۽ طبي سائنس جي ترقيءَ جي نتيجي ۾ انساني عضون جي خريد ۽ فروخت جهڙو غيراخلاقي ۽ غير انساني ڌنڌو وڏي وسعت اختيار ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن سراسري جائزو وٺبو ته يورپ، لاطيني آمريڪا، ڏکڻ آفريڪا، وچ ايشيا ۽ ننڍي کنڊ جي اڪثر ملڪن اندر انساني عضون جي گهرج ۽ قيمتن ۾ حيرت انگيز حد تائين اضافو نظر ايندو جتي انساني عضوا وڪڻ هر روز جو معمول بڻيل آهي.

جيڪڏهن باريڪ بينيءَ سان ڏسجي ٿو ته انهيءَ خطرناڪ انساني الميي جو سڀ کان وڏيڪ ٽارگيٽ ٽين دنيا جا غريب ترين ۽ مفلوڪ الحال ملڪ آهن. گهڻو ڪري دنيا جي انهن پٺتي پيل ملڪن مان انساني هليي، لباس ۽ نالي ۾ بين الاقوامي سطح تي ڪم ڪندڙ شيطاني گروهہ معصوم ٻارڙا خريد ڪندو آهي ۽ بعد ۾ آپريشن ٿيئيٽر ۾انهن ٻارڙن جا عضوا ڪڍي، وڪرو ڪري وڏو ناڻو ڪمائيندو آهي، جڏهن ته ان سڄي ڪاروبار جي پس پرده عالمي شاهوڪارن جي سيڙپ ٿيل هوندي آهي. اڄڪلهه يورپ جو مشهور ميڊيڪل ادارو يورو ٽرانسپلانٽيشن. سرڪاري سطح تي ساليانو پنج هزار عضون جي پيوند ڪاري ڪري رهيو آهي، جيڪو يهودي شاهوڪارن ۽ تيل جي ڪاٽيلز جي معروف نيوڪانز کي صحتمند انساني عضوا وڏي پئماني تي وڪرو ڪري رهيو آهي. اج يورپ

جا ڊسٽريبيوٽر سڄي دنيا ۾ گردي، اک، جيري، ڦڦڙ، پتي، هٿ، پير، آڱر، چمڙي، نڪ، چپ ۽ جنسي عضون جي کپت لاءِ سرگرم عمل آهن. صحت جي عالمي اداري ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن جي اڪثر ڪري عالمي ڪانفرنسن ۾ وڏي وثوق سان ان خدشي جو اظهار ڪيو ويو آهي، پر باوجود ان جي اڄ دنيا اندر يورو ڪرنسي عيوض انساني عضون جي وڪري ۽ پيوند ڪاريءَ هڪ باقاعدي تجارت جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي.

اڄ يورپين ملڪن جا يهودي ۽ عيسائي شاهوڪار جيڪي پاڻ کي مهذب، ترقي يافتا، سڌريل، جدت پسند، سائنسي ۽ ترقي پسند توڙي انساني حقن جو علمبردار چوائن ٿا، سي اڄ دنيا جي غريب ملڪن اندر خون چوسيندڙ ڊراڪولا جهڙي ڀيانڪ شڪل ۾ ماڻهو بڻجي ، ماڻهو بڻجي ڪندي جهنگلي پڻي جو مظاهرو ڪري رهيا آهن_ يورپ جي شاهوڪار طبقي طاقت ۽ سرمائي جي ڏڍ تي سيئي، انساني، اخلاقي ۽ معاشرتي سرحدون اورانگهي انساني قدرن جي تباهي جو نئون ۽ جديد ترين، خودڪار شيطاني روپ اختيار ڪري ورتو آهي، يورپ جو شاهوڪار طبقو مسلم تهذيب سان صفا ٽڪراءَ واري حالت ۾ ڪلوننگ ۽ آٽو ميشن کان وٺي روبوٽائيزيشن تائين هر سطح تي پنهنجو مڪروه چهرو ڏيکاري رهيو آهي، يورپ جي شاهوڪارن جي سيڙايل رقمن ۽ يورپين ٽيڪنالاجيءَ جي آڌار تي لاطيني آمريڪا، ڏکڻ آفريڪا، وچ ايشيا ۽ ننڍي کنڊ جي ملڪن ۾ انساني عضون جي وڪري جو ڌنڌو عروج تي آهي، جرمنيءَ جي مشهور اخبار روزنامه ڊائيزيٽ جي سال 2014ع واري رپورٽ موجب لاطيني آمريڪا جي ملڪ برازيل ۾ اڄ به اهڙيون ڪيتريون ئي انساني وسنديون موجود آهن، جتي فٽ پاٿن تي ستل لاوارث ٻارڙن کي اغوا ڪري، ٻڪريءَ طرح ذبح ڪيو ويندو آهي ۽ ٻارڙن جا عضوا ملٽي نيشنل ڪمپين کي وڪرو ڪيا وڃن ٿا. ڊينمارڪ ۾ سال 2013ع جي ڊسمبر واري اشاعت ۾ ڊينمارڪ نيوز پيپر جو ايڊيٽوريل پيج اهو انڪشاف ڪري چڪو آهي ته



ڊينمارڪ ۾ وڏي تعداد ۾ جنسي عضوا ايڪسچينج ڪرائي، ڇوڪرا ڇوڪريون بڻجي وڃن ٿا ۽ ڇوڪريون مرداڻا عضوا پيوند ڪرائي، ڇوڪرا بڻجي رهيون آهن.

حيرت جي ڳالهه آهي ته ان غيراخلاقي ۽ لڱ ڪانڊاريندڙ غيرانساني ڌنڌي ۾ وڏا وڏا سرجن، اسپيشلسٽ، طب ۽ جراحت جا ماهر ۽ مسيحا جو نانءُ خراب ڪندڙ ڊاڪٽر سڌي طرح ملوث آهن. 1995ع ۾ ترڪيءَ جي هڪ نوجوان سعيد گوڪلپ کي برطانيه جي هڪ مالدار يهودي موزارٽ جي خواهش تي برطانيا ۾ منافع بخش ملازمت جي لالچ ڏئي گهرايو ويو، جتي ميڊيڪل چيڪ اپ جي نالي ۾ برطانيا جي مشهور هيومن ويلنگٽن هاسپيٽل جي ماهر ڊاڪٽرن سعيد گوڪلپ جي هڪ بڪي چوري ڪري، برطانوي مالدار شخص جي جسم ۾ پيوند ڪري ڇڏي .

ان سان گڏو گڏ اهڙا ٻيا به ڪيترائي مثال آهن، جيڪي ظاهر ڪن ٿا ته يورپ انسانيت کي موت جي پٽ سان لڳائڻ چاهي ٿو. اڄڪلهه اسپتالن اندر پوسٽ مارٽم ٿيل لاشن مان مکيه انساني عضوا آسانيءَ سان ڪڍيا وڃن ٿا، جيڪي بعد ۾ ليبارٽرين ۾ وڪري لاءِ منتقل ڪيا وڃن ٿا، تازو فرانس جي هڪ ويڪلي رسالي ٽڪوئ فرينچ جي ٽائيٽل پيج تي انتوني ميٿيوز لکيو آهي ته، هوندوراس ۽ گوئٽي مالا، گهانا ۽ موزمبيق توڙي هالينڊ ۽ بيلجيم جي اسپتالن ۾ جنم وٺندڙ ٻارڙن کي بر آمدي جنس ۾ تبديل ڪيو ويو آهي،انتوني ميٿيوز جي بقلم هوندوراسي، گوئٽي، گهانائي، موزمبيقي توڙي هالينڊي ۽ بيلجيمي ٻارڙن جا عضوا يورپ جي منڊين ۾ سستو وڪرا ٿين ٿا. ساڳي صورتحال اسان کي وچ ايشيا ۾ به نظر اچي رهي آهي- هندوستان، پاڪستان ۽ بنگلاديش به ان خطرناڪ ڪاروبار جي سپلائيرز ۾ شامل آهن.

برطانوي رسالي نيوز انٽرنيشنل جي ساليانی رپورٽ ( 2012 ) ۾ پڌرو ڪيو ويو هو ته بمبئي، ڪراچي، ڍاڪا ۽ کٽمنڊو مان هر سال پندرنهن

ملين ڊالرن جي ماليت جا انساني عضوا ۽ ڪارائتيون هڏيون منيلا، برمنگهم، ملبورن، مانچسٽر، فرينڪفورٽ، وٽس برگ، لاس اينجلس، ڪيليفورنيا، واشنگٽن، لنڊن ۽ نيويارڪ جي سرجيڪل وارڊن ۾ موڪليا وڃن ٿا. هانگ ڪانگ جيڪو چيو وڃي ٿو ته ترقي ۽ جدت جي افق تي پهتو آهي، اتي عام اسپتالن ۾ فلپائني ٻارڙن جا عضوا بنا ڪنهن رڪاوٽ جي وڪرو ٿين ٿا. مصر، اٿوپيا، سوڊان ۽ صوماليا ۾ آمريڪي انساني عضون جي خريدارن طرفان ٽريڊنگ سينٽر قائم ڪيا ويا آهن، جتي غربت، بک ۽ بدحاليءَ جا ستايل پنهنجي زندگيءَ کان تنگ ماڻهو ڏهن کان پندرنهن هزار ڊالرن عيوض ٻڪيون ۽ اکيون وڪرو ڪن ٿا. فن لينڊ ۾ هڪ اهڙو آپريشن ٿيئيٽر پڻ قائم ڪيو ويو آهي، جتي ڪيترائي ڊاڪٽر جنس جي تبديليءَ لاءِ خدمتون سر انجام ڏئي رهيا آهن. روس ۾ به انساني عضون جي تجارت کي بي حد ترقي حاصل آهي ۽ روسي ماهرن جو هڪ منظم گروهه انساني عضوا پولينڊ، جينيوا، گني بسائو برس بين ۽ چاڊ جهڙن شاهوڪار ملڪن ڏانهن موڪلي بر آمد ڪري ڳريون قيمتون وصول ڪري رهيو آهي، روسي ماهرن جو اهڙو گروهه خصوصي ڊاڪٽرن تي مشتمل آهي، جيڪي انهن مريضن جون دليون، گردا، ڦڦر ۽ اکيون ڪڍي وٺن ٿا، جن کي بعد ۾ اهي ڪلينيڪل ڊيٿ قرار ڏيندا آهن. تازو ماسڪو ۾ 14غيرملڪي گهڻ قومي ڪمپنين هڪ پوسٽ مارٽم ميڊيڪل سينٽر قائم ڪيو آهي، جنهن جو نالو رشين ٽرانسپلانٽ ريسرچ انسٽيٽيوٽ رکيو ويو آهي_ ماسڪو ۾ اهڙو سينٽر انساني عضون جي پيوند ڪاريءَ لاءِ قائم ڪيو ويو آهي،جيڪو اڄ روس ۾ انساني عضون جي تجارت کي هٿي وٺرائي رهيو آهي.

تازو يورا گوئي جي هڪ صحافي ٿامپسن هيلٿ نيوز ميگزين، ۾ انڪشاف ڪيو آهي ته يورپ جي اثر هيٺ آيل سمورن ملڪن ۾ انساني عضوا فارما سوٽيڪل صنعتن ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا. ٿامپسن لکي ٿو ته



اٿوپيا ۾ ساليانو هزارن جي انگ ۾ حمل ڪيرائڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ ڪچن ٻارڙن جا سرد جسم لڪل طريقي سان آمريڪا موڪليا وڃن ٿا، جتي انهن ٻارڙن جي نازڪ جسمن کي ڪاسميٽڪس جي صنعت ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ مختلف مصنوعات ٺاهيون وڃن ٿيون. يورپين معاشري جي دقيانوسيت نه رڳو اتي ڇيهه ڪري ٿي، پر ان جو وڏيڪ خطرناڪ چهرو جرمنيءَ جي يهودي شاهو ڪارن جي قائم ڪيل ملٽي نيشنل ڪمپنين جي موجوده ڪردار مان پرکي سگهجي ٿو. جنهن جو هڪڙو مثال جرمنيءَ جي مشهور اخبار روز نامه فرينڪفر ٽريڊشائو جي تازه ترين رپورٽ آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته جرمن اسپتالن ۾ فوتي مريضن جي کوپڙين مان ميڄالا ڪڍي، ڳرين قيمتن عيوض هڪ فارما_ سوٽيڪل ڪمپنيءَ کي وڪرو ڪيا وڃن ٿا. اڄڪلهه يورپ جا شاهوڪار ۽ امير ترين ماڻهو پنهنجي ۽ پنهنجن پيارن جي جسماني نقصن ۽ خامين کي دور ڪرن لاءِ غريب، مفلس توڙي اڻ ڄاڻ ماڻهن جا عضوا پيشيسور ادارن جي سرپرستيءَ هيٺ حاصل ڪن ٿا ۽ اتان جي مشهور سرجيڪل وارڊن ۾ وڃي پيوند ڪرائن ٿا. جنهن مان واضح ٿئي ٿو ته يورپ جي شاهوڪارن جي موجودگيءَ ۾ غريب ۽ پٺتي پيل معاشرن جي ماڻهن لاءِ هڪ صحتمند زندگي گذارڻ به وڏو مسئلو بڻجي وئي آهي.

پهريان يورپ جي منڊين ۾ ڪاري نسل جي غلامن جي خريد ۽ فروخت عام هئي،ليڪن هاڻي ان تجارت نئون رخ اختيار ڪري ورتو آهي. حاصل مطلب ته ڪالهه جيئرا انسان وڪرو ٿيندا هئا ۽ اڄ جيئرن انسانن کي چيري ڦاڙي، انهن جا عضوا ڪڍي وڪرو ڪيا وڃن ٿا. حيرت جي ڳالهه آهي ته عيسائي توڙي يهودي شاهوڪار ڪتن، ٻلن، ڀولڙن ۽ ٻين جانورن جي نسلن جي افزائش لاءِ ته ڪروڙين ڊالر خرچ ڪن ٿا، پر انسانيت جي تباهي ۽ برباديءَ لاءِ پڻ مامور آهن ۽ انسانن کان وڌيڪ حرام جانورن کي اهميت ڏني پئي وڃي. اڄ يورپي شاهورڪارن جون قائم ڪيل

دوا ساز ڪمپنيون سڄي دنيا ۾ زهريلا زرعي مرڪب متعارف ڪرائي جهجهو ناڻو ڪمائي رهيون آهن، پر انهن زرعي زهرن جا انساني حياتي ۽ ٻي جيوت لاءِ بي حد جان ليواسائيڊ افيڪٽ رونما ٿيندي نظر اچن ٿا.

يورپ جي موجوده صنعتي تهذيب جي نتيجي ۾ زهريلا ڪيميائي مادا خاص طور تي ڪلورو فلورو ڪاربن ۽ هيلان گئسون جيڪي ريفريجريٽرن ۾ استعمال ٿين ٿيون، ڪمپيوٽر صنعت، باهہ وسائڻ وارا مرڪب، فيڪٽرين ۽ گاڏين مان نڪرندڙ دونهون ۽ جراثيم ڪش دوائون هر سال پنهنجي حجم سان هڪ لک پيرا اوزون ليئو کي برباد ڪنديون رهن ٿيون، جنهن سان انساني صحت لاءِ ها جيڪار بالائي بنفشي شعائون زمين جي سطع تائين براهہ راست پهچن ٿيون.جيڪڏهن يورپي صنعتڪارن جي ان ناداني ۽ بي احتياطيءَ جو سلسلو نہ رڪيو تہ 2030ع تائين انهن زهريلين گئسن جو تناسب فضا ۾ پيڻو بلڪ ٽيڻو ٿي ويندو ۽ دنيا تباهيءَ جي ڪناري تي اچي بيهندي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ يورپي شاهو ڪار طبقو مجموعي طور تي انسانيت جي بربادي جو سامان گڏ ڪري رهيو آهي، ان حوالي سان جيڪڏهن اسان يورپ جي سائنسي دريافتن جو ڳوڙهو اڀياس ڪنداسين تہ اهو بخوبي معلوم ٿيندو تہ انساني جين جيڪو( D N A ) جو هڪ حصو آهي ۽ والدين مان اولاد ۾ منتقل ٿيندو آهي، هاڻي ان Gene جو تجربو ۽ دريافت يورپي ليبارٽرين اندر تجارتي ڪپت ۽ استعمال جي جنس واري مرحلي تي پهتو آهي. اڄ آمريڪا جي دارالحڪومت واشنگٽن ۾ انساني Gene جي وڪري ۽ پيوندڪاريءَ جو مرڪز قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جو ڊائريڪٽر جرنل ڊاڪٽر جيمز واٽسن آهي. جنهن کي سال 1998ع ڌاري D N A جي دريافت جي سلسلي ۾ نوبل پرائيز مليو هو، تنهن پنهنجي تحقيقي ڪتابچي ۾ لکيو آهي تہ آمريڪي سائنسدانن جي تحقيق جي نتيجي ۾ انساني جين جو اخراج ۽ منتقلي ممڪن بڻجي وئي آهي. هوڏانهن جاپاني اعليٰ تحقيقي ادارن هڪ ٽيڪنيڪي اسڪريننگ سسٽم ايجاد ڪري



ورتو آهي، جيڪو تقريباً ڏهن سالن اندر روزانو D N A جا هڪ لک ڪان وڌيڪ Base Pairs ترتيب ڏيڻ جي قابل ٿي سگهندو، ان کان علاوه 2000ع ۾ آمريڪي رياست اوڪلاهاما جي شهري فرنچ اينڊرسن هارورڊ يونيورسٽيءَ جي انتظاميا ڏانهن خط لکيو هو تہ هڪ ناقص ۽ ناڪاره Gene جي تبديلي مهانگي آهي، پر ناممڪن نہ آهي ۽ هن ممڪنات جي نتيجي ۾ يورپ اندر جينيٽڪ انجنيئرنگ ڪمال جي حد تائين ترقيءَ جون منزلون طئي ڪري سگهي ٿي. سال 2004ع ڌاري نيوميڪسيڪو، ڪيليفورنيا ۽ اوهايو ۾ جينيٽڪ انجنيئرنگ ذريعي ڪڻڪ ۽ جَون جا جينز ڪڍي، دنيا جي لٺ سردار ملٽي نيشنل ڪمپنين جي اجاري داريءَ هيٺ ڏنا ويا، جنهن سان اهي ملٽي نيشنل ڪمپنيون زرعي ملڪن اندر هائبرڊ ٻج ۽ زرعي دوائون وڪرو ڪري وڏو ناڻو ڪمائي رهيون آهن. هاڻي انهن ملٽي نيشنل ڪمپنين کي هر فصل جي جنس جي Gene تي پوريءَ طرح ڪنٽرول حاصل آهي ۽ غريب توڙي پٺتي پيل ملڪن جون زرعي زمينون يورپي ڪمپنين لاءِ ناڻو ڪمائيندڙ ڪارخانا بڻجي رهيون آهن. اڄ يورپي ملڪن ۾ دولت جو ارتڪاز انهن ملٽي نيشنل ڪمپنين کي جنم ڏئي چڪو آهي، يورپ ۾ خوبصورتيءَ خاطر انساني جين جي تبديليءَ جو رواج پئجي چڪو آهي، يورپ، ڪلوننگ واري سائنٽيوڪ عمل ذريعي ڊولي رڍ، هولي ڪائو ۽ هاش پپيز گلرن جهڙيون دريافتون ۽ انهن دريافتن جون دعوائون ڪري رهيو آهي، ڊرون ٽيڪنالاجي هر شيءِ تي حاوي ٿي چڪي آهي، ننڍڙا مک ۽ مڇر جي جسامت جيترا ڊرون هر هنڌ گهمي رهيا آهن، يورپ جي اثر هيٺ ميڊيا وسيلي ترقي پسندي ۽ سيڪيولرزم جي اثرائتي پروپيگنڊا ۽ عرياني سڄي انساني معاشري کي مفلوج ۽ فالج زده بنائي رهي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي قانوني، اخلاقي، سماجي ۽ مذهبي مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن. تهذيبن جي وچ ۾ ٽڪراءُ جنم وٺي رهيو آهي ۽ يهودي توڙي عيسائي لابيءَ جا وحشي عزائم مسلم دنيا جي ملڪن اندر ننگو ناچ ڪندي نظر اچن ٿا. ڇاڪاڻ تہ يورپ صنعت ڪاري،

ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي، جينز ريسرچ، عسڪري قوت، زرعي اصلاحات، ترقياي اسڪيمن، معدني ذخيرن، جوهري تنصيبات ديؤهيڪل سائنسي ايجادن، فضائي حدن، آبي وسيلن ۽ خشڪيءَ جي رستن توڙي دنيا جي ملڪن جي حڪومتن تي مڪمل طور تي ڪنٽرول رکي ٿو. جيڪڏهن توهان شين جو ترتيبوار جائزو وٺندا ته ڪيترين ئي اهم ۽ ضروري شيون يورپين ملٽي نيشنل ڪمپنين جي ٽريڊ مارڪ پيٽينٽ رائيٽ ۽ اجاري داريءَ هيٺ نظر اينديون. انسولين جيڪا ڊيابيٽس جي علاج ۾ اهم عنصر جي حيثيت رکي ٿي، ان تي يورپ جي ملٽي نيشنل ڪمپني Volvo جي اجاري اداري قائم آهي. رفليگزن هارمونز جيڪا وقت کان اڳ حمل جي روڪٿام جو علاج هوندي آهي، ان کي Beka نالي ڪمپنيءَ جي تصرف ۾ ڏنو ويو آهي، انٽرفيرون جيڪا ڪينسر جي علاج ۾ مفيد ثابت ٿيندي آهي، ان ڪيميا تي جرمنيءَ جي بائرن مڊاس ڪمپنيءَ جو قبضو آهي.

حاصل مطلب ته اڄ هر چرندڙ پرندڙ شيءِ يورپي ڪيميادانن جي ڪمائي، ڪمپنين جي خزاني ۽ شاهو ڪارن جي دولت ميڙڻ جو باعث بڻجي چڪي آهي. ايستائين جو يورپ طرفان انساني احساس ۽ امنگون پڻ روبوٽائيز بڻجي ويون آهن. انساني جسم ڪنهن رانديڪي جي حيثيت اختيار ڪري ورتي آهي ۽ انساني جسم جي عضون جي تلخ تجارتي روش انساني تاريخ جو اذيتناڪ الميو بڻجي سمورين سيڪيولر سوچ جي حامل ۽ دعويدار قوتن جي منهن تي انساني انحطاط جي سياهه دانگي ملي رهي آهي ۽ دنيا جون غيور قومون يورپ جي انهيءِ شيطاني پروپيگنڊا ۽ عملن جو مقابلو ڪري رهيون آهن، ليڪن يورپ جي ان زهريلي پروپيگنڊا جو سڀ کان وڏيڪ ڪامياب Source Of Income ميڊيا ۽ ماس ميڊيا جي بي حيائي، عرياني، اگهاڙپ ۽ جسم فروشي آهي. ننگين تصويرن، ٽري ايڪس فلمن ۽ وڊيو ڪلپس جي پرمار لڳي پئي آهي ۽ ان سڄي جنسي بي راهه رويءَ کي هڪ منافع بخش ڪارو بار جي شڪل ڏني وئي آهي. يورپ جي اڪيچار ملڪن اندر جسم فروشي هڪ ڌنڌو بڻجي وئي آهي ۽



اڪثر يورپي ملڪن جا حڪمران توڙي عوامي اڪثريت ان حقارت کي قانوني طور به جائز سمجهن ٿا. يورپي جسم فروشيءَ جي چٽن بگهڙن جو رخ هاڻي مسلم دنيا جي ملڪن ڏانهن آهي ۽ اگهاڙپ جو رجحان تيزيءَ سان مسلم معاشري جي اندر داخل ٿي رهيو آهي. مسلمان سڏائيندڙ ملڪن اندر به نائيٽ ڪلب، پاپ ميوزڪ، هيرا منڊي، انٽرنيٽ عرياني، واگلر فلمن، هوموسيڪس ۽ سيڪشوئل سسٽم جهڙيون برايون روز جو معمول بڻيل آهن، ليڪن پاڻ کي سيڪيولر ۽ مهذب دنيا سڏائيندڙ يورپي ملڪن توڙي يورپ جي اثر هيٺ آيل مسلم سڏائيندڙ ملڪن جا حڪمران هن شيطاني ڪرت تي خاموشيءَ جا ڪفن اوڍي سمهي رهيا آهن.

هينئر يورپ جنسي ڪاروبار جي چوٽ تي بيٺل آهي. انساني نسلن جو جنم اتي فارمي چوزن وانگر ٿي رهيو آهي. مار گريٽ ٽربيون جي 2010ع واري شماري ۾ صفحي نمبر 14 تي ڊينيل ڪروڪس لکي ٿو ته يورپ جي اڪثر ملڪن اندر بالغ نوجوانن جي هڪ وڏي انگ کي پنهنجي پيءَ يا ماءُ جي اصليت جي خبر ناهي. ڪروڪس اڳتي لکي ٿو ته يورپ اندر اڪثر جوڙا پنهنجو شريڪ حيات تبديل ڪندا رهندا آهن، جنهن جي حتمي نتيجي طور ازدواجي زندگيءَ گذارڻ جا طور طريقا ۽ صحتمند گهريلو ماحول سخت متاثر ٿي رهيو آهي. جنسي بي راهه رويءَ ۽ ڪارو بار کان علاوه يورپ هينئر انساني اسمگلنگ جي غير قانوني ۽ غير انساني ڌنڌي ۾ گهڻو اڳتي نڪري چڪو آهي. ڪيترن ئي غريب ملڪن جي ماڻهن کي روزگار ڏيارڻ جي بهاني سان جعلي پاسپورٽن ۽ سجاٽپ ڪارڊن وسيلي پهريان ٽريولنگ ايجنٽ ماڻهن کي ور غلائن ٿا، بعد ۾ انهن ماڻهن کي غير ملڪي اسمگلرن جي حوالي ڪري جهجهو ناڻو ڪمائن ٿا. انهن غير ملڪي اسمگلرن طرفان سستن مزدورن کي زر خريد غلام بڻائي يورپ جي منڊين ۾ وڪرو ڪيو وڃي ٿو. ڇا اهو سمورو غير قانوني ۽ غير انساني ڌنڌو يورپ جي سيڪيولرازم ۽ مهذبپڻي جو ڀانڊو ڦاڙڻ لاءِ ڪافي ناهي؟

ڇا ان کي ڇئبو آهي انساني حقن جو احترام ۽ سائنسي ترقيءَ جو عروج.....؟ ڇا اها آهي گلوبلائيزيشن يا ان کي ڇا چئجي، جيڪا انساني عضون جي وڪري جي ڪاري ڪرت يورپ طرفان جاري رکي پئي وڃي؟



اشفاق احمد ڀٽو

# ملڪ کي لاڳو چيلينج

## ۽ ان سان منهن ڏيڻ جي حڪمت عملي

### پس منظر ۽ پيش منظر

گذريل ڪجھ مهينن کان ملڪ ۾ دهشتگرديءَ خلاف آپريشن وڏي ڪاميابيءَ سان جاري و ساري آهي. جنهن جي لپيٽ ۾ جتي بعض مذهبي دهشتگرد گروپ آهن، اتي ڪن سياسي پارٽين سان لاڳاپيل دهشتگرد بہ گرفتار ڪيا ويا آهن. عسڪري قيادت جي طرفان شروع ڪيل هن آپريشن جو مقصد ملڪ ۾ پوين ڪيئي سالن کان جاري دهشتگردي، ۽ انسانن جي بيگناه قتل عام ۾ ملوث عناصر جو خاتمو ڪرڻ آهي. بدقسمتي سان ملڪ ۾ ڪافي وقت کان وٺي انارڪي، لاقانونيت، بدامني، جان و مال ۽ عزت و آبرو کي لاڳو خطرا ۽ قتل عام جو سلسلو جاري آهي، جنهن ڪري ملڪ ۾ جنگل جي قانون جيان جيڪو ڏاڍو سو گابو جو منظر عام جام هو. لاقانونيت جي انهيءَ طوفان جي مقابلي ۾ حڪومت ۽ حڪومتي ادارا بي بس ٿي چڪا هئا. بلڪ اهو چوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ حڪومت پنهنجي سياسي مفادن خاطر لاقانونيت جي انهن قوتن کي نظر انداز ڪرڻ واري پاليسي تي گامزن هئي.

اها هڪ حقيقت آهي تہ بعض سياسي پارٽين ۽ حڪومت طرفان سندن غلط سياسي مفادن کي پوري ڪرڻ خاطر ۽ انتقامي سياست کي جنم ڏيندي، سياست ۾ڏوھ ۽ دهشتگرديءَ جي وجود کي نہ صرف برداشت ڪيو بلڪ ان کي هٿي ڏيندا رهيا آهن. جنهن جو لازمي نتيجو اهو نڪتو جو جرائم، ۽ دهشتگردي سياست جو حصو بڻجي ويا. ۽ پوءِ سياسي وجود مان ڏوھ ۽ دهشتگردي جي ڪينسر کي ڪڍي فٽو ڪرڻ ايڏو تہ مشڪل ٿي پيو. جو اهو ڪم جيئن تہ حڪومتي ڌرين ۽ سياسي

قيادت کي گڏجي سڏجي هو پر اهي ان فرض کي انجام ڏيڻ ۾ ناڪام ويا، جنهن سان ماڳهين رياست جو وجود ئي خطري ۾ پئجي ويو. هاڻي سوال سياست ۽ سياسي نظام جي وجود کي بچائڻ جو نہ رهيو هو ، بلڪ رياست ۽ رياستي ادارن کي بچائڻ جو سوال پيدا ٿي پيو. تنهن ڪري ملڪ جي طاقتور اداري کي نہ چاهيندي بہ ان ڏس ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ تي مجبور ٿيڻو پيو.

فوجي قيادت کي سياست ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت ان وقت پيش آئي، جڏهن پشاور جي هڪ اسڪول ۾ ڪجھ دهشتگردن داخل ٿي ڪري، معصوم ٻارن جو قتل عام ڪيو. ان افسوسناڪ ۽ دل ڏاريندڙ واقعي سڄي ملڪ ۾ رنج ۽ خوف جي فضا پيدا ڪري ڇڏي، هرفرد ملڪ جي مستقبل بابت فڪرمند ۽ پريشان رهڻ لڳو. انهيءَ واقعي کان پوءِ ملڪ جي سياسي جماعتن فوجي قيادت سان ملي ڪري اهو طي ڪيو تہ ملڪ کي لاڳو انهن امن دشمن ۽ ملڪ دشمن قوتن سان طاقت جي زور سان مقابلو ڪرڻو پوندو.

عسڪري ادارن جو باقاعده حڪومتي سطح تي اهڙي قسم جو ڪردار ادا ڪرڻ، اهو جمهوري ادارن ۽ حڪومت جي واضح ناڪامي جو ثبوت هو. جڇڻ تہ ان ڳالھ جو اقرار ڪيو ويو تہ سياستدانن ۽ حڪومتي ڌرين ۾ اها صلاحيت ۽ استعداد ئي ناهي، جو هو پنهنجي سر ملڪ مان دهشتگردي، ۽ ڏوهن کي ختم ڪري، ملڪ جي عوام جي جان و مال ۽ عزت و آبرو جي حفاظت ڪري سگهن ۽ امن و امان کي لاڳو خطرن جو مقابلو ڪري سگهن.

ملڪ جي امن و امان کي لاڳو اهي خطرا اصل ۾ بين الاقوامي شاهوڪار ۽ بين الاقوامي يهودين جي سازشن جو نتيجو آهن بين الاقوامي شاهوڪار ۽ بين الاقوامي يهوديت وٽ دولت جا ايترا تہ ڍير موجود آهن جو هو سڄي دنيا تي پنهنجي بالادستي کي قائم ڪرڻ واري مقصد خاطر، ڪربين ڊالر خرچ ڪرڻ لاءِ تيار آهن ۽ خرچ ڪندا رهن ٿا.

عالم اسلام جي حوالي سان انهن جي اڳيان جيڪو مقصد آهي، سو اهو آهي تہ مسلم دنيا خلفشار، بدادمني، بي يقيني، معاشي، سياسي، تعليمي، تربيتي ۽ اخلاقي هر اعتبار سان نبل ۽ پست رهي، تہ جيئن انهن جي وسيلن مان استفادو ڪري سگهجي، انهن جي ذهين فردن جي صلاحيتن مان استفادو ڪري سگهجي، مالي امداد ۽ قرضن جي بهاني سان



انهن جي ڪمزور معيشت کي ڪجھ سهارو ڏيئي، پنهنجي ويجهو ڪجي، اهو اهو مقصد آهي، جنهن خاطر عالمي شاهوڪار هڪ طرف تہ سخت مزاج مذهبي فردن جي برين واشنگ ڪري، کين اهو نڪتو سمجهايو تہ حڪمران ۽ حڪومت سان لاڳو سمورا ادارا پوليس ۽ فوج اهي سڀ اسلام جا دشمن آهن، اسلامي قانون کي نافذ ڪرڻ جي واٽ ۾ رڪاوٽ آهن، ان ڪري انهن خلاف جهاد ڪرڻ اسلامي نقط نگاھ سان عين فرض آهي. ان سان گڏوگڏ ڪن مذهبي گروهن کي اهو سمجهايو ويو تہ توهان جو اصل هدف فلان فلان مسلڪي عقيدي وارا آهن ۽ انهن جي وڌندڙ قوت توهان جي مسلڪي، گروهي ۽ مذهبي قوتن کي نبل ڪرڻ جو ذريعو بڻبي، ان ڪري پنهنجي مسلڪي، گروهي ۽ مذهبي قوت جي حفاظت جو اونو رکڻ وقت جي سڀ کان اهم ضرورت آهي.

ٻين طرف قوميت سان لاڳو مختلف گروهن کي اهو نقطو سمجهايو ويو تہ ملڪ ۾ انهن سان غلامن وارو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو انهن جا سمورا بنيادي حق کسيا ويا آهن ۽ کين ٽين نمبر جي شهري جي حيثيت ڏني وئي آهي، پنهنجي قوميتي حيثيت ۽ قومي عزت ۽ وقار کي بحال ڪرڻ لاءِ رياستي ادارن سان جنگ جوٽڻ اهو توهان جو بنيادي حق آهي. بدقسمتيءَ سان عالمي شاهوڪار ۽ بين الاقوامي يهوديت جي انهن مغالطن ۾ اچي ڪري، مٿين ٽنهي طبقن انهن جي ڏنل لائين اختيار ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ کين عالمي شاهوڪار جي پاران وڏي پيماني تي مالي مدد حاصل ٿي، عسڪري ٽريننگ جو انتظام بہ ڪيو ويو، ميڊيا جي ذريعي جذباني فضا پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ٿي، ۽ سڄي ملڪ ۾ مارڌاڙ قتل عام ۽ بدامني جي صورت وڌي وئي.

ٻئي طرف عالمي شاهوڪار حڪومت ۽ فوج تي دٻاءُ وڌو تہ اها انهن عسڪري قوتن سان مقابلو ڪري، ملڪ ۾ مذهبي انتها پسندي ۽ مذهبي جنونين سان منهن ڏئي. ورنہ ڪٿي پاڪستان جي ايٽمي قوت مذهبي انتها پسندن جي حوالي نہ ٿئي، اها اها ٻہ طرفي پاليسي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان پندرهن ويهن سالن تائين مذهبي عسڪريت پسندن ۽ قوم پرستي جي علمبردار تنظيمن جي ويڙھ جو مرڪز رهيو. انهيءَ سموري صورتحال جو وڌ ۾ وڌ فائدو بين الاقوامي شاهوڪار کي پهتو.

ٻنهي ڌرين جا مذهبي ماڻهو ڪافي مقدار ۾ ماريا ويا ۽ اسلام جي نالي تي ڪم ڪندڙ ديني جماعتن جي عزت ۽ وقار ۾ گهٽتائي آئي، ۽ ملڪ جي معيشت کي غيرمعمولي نقصان پهتو. خاص طور سان ڪراچيءَ ۾ صنعتڪارن وڏي پيماني تي نقل مڪاني شروع ڪري ڇڏي. جڏهن ته ملڪ جي سالميت ۽ ملڪ جي تحفظ کي غيرمعمولي خطرو لاڳو ٿيو. آخرڪار مجبور ٿي ڪري، فوج ۽ سياسي جماعتن طي ڪيو ته انهيءَ صورتحال سان طاقت ۽ حڪمت سان منهن ڏيڻ گهرجي.



محمد موسيٰ ڀٽو
سڪندر علي گهچون

# اسلام ۽ فردن جي وچ ۾

## جنگ جو اصل ميدان

موجوده دور ۾ هڪ اهم حقيقت جيڪا نظر انداز ٿي آهي، اُها اِ ها آهي ته مادي مصروفيات ۾ گهٽتائي ڪانسواءِ فرد کي دين جي دولت حاصل ٿي وڃي ۽ دين تي هلڻ فرد لاءِ آسان ٿي وڃي، ان سان گڏ ماڻهو اِ هو به چاهين ٿا ته دل جي صلاحيتن کي بيدار ڪرڻ ڪانسواءِ صرف عقل جي مدد سان کين ايمان ۽ يقين جي نعمت حاصل ٿي وڃي، جڏهن ته ايئن ٿيڻ الله جي سنت جي بر خلاف آهي.

دين جي عظيم نعمت جو حاصل ٿيڻ، دل جو کُلڻ ۽ سالم قلب جي سعادت جو عطا ٿيڻ، ايمان جي حقيقت جو دل تي ظاهر ٿيڻ، مادي دنيا جي اونڌاهين مان نڪرڻ، آخرت جي حقيقت جو روشن ٿيڻ، نفسي طاقتن جي قيد مان آزاد ٿي ڪري، اسلامي شريعت تي عمل ڪرڻ جي صلاحيت جو حاصل ٿيڻ، وڏ ماڻهپ ۽ مال جي حب، لالچ ۽ حرص جي بتن کان ڇوٽڪارو ملڻ، عبادت جو خالص الله جي لاءِ مخصوص ٿيڻ، زندگيءَ جو مقصد الله جي خوشنودي حاصل ڪرڻ، الله سان گهري محبت سان گڏ گڏ الله جي ٻانهن سان به محبت ۽ درگذر ڪرڻ جو معاملو ڪرڻ، سٺن اخلاقن سان سنوارجڻ، اهي سڀئي نعمتون اهڙيون آهن، جيڪي سڄي دنيا ۽ دنيا جي سڀني خزانن کان بهتر آهن. ايڏيون وڏيون نعمتون فقط قيل وقال ۽ دنياوي مصروفيات ۾ گهٽتائي ڪانسواءِ حاصل ٿي سگهن، ممڪن ناهي. جڏهن دنيا جو ڪو به فن ۽ ڪا به نعمت، وقت، صلاحيتن ۽ توانائين جي

استعمال ڪانسواءِ حاصل نٿي ٿي سگهي تہ دين جي سعادت جي واٽ، وقت، صلاحيتن ۽ توانائين ڪانسواءِ ڪيئن حاصل ٿي سگهي ٿي.

گهڻا ذهين ماڻهو انهيءَ غلط فهمي ۾ مبتلا رهن ٿا تہ ڪين ڪتابن جي ڪجهہ مطالعي، ڪجهہ ذڪر ۽ وظيفن ۽ دين جي نالي تي ٿيندڙ هفتيوار گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ سان دين جا راز ۽ ايمان جي اصل حقيقت حاصل ٿي ويندي ۽ ائين ٿيڻ اهو سندن جو حق آهي.

اِ ها غلط فهمي دراصل انساني نفس جي بي پناه ۽ زور دار طاقتن ڪي سمجهڻ ۽ اُن ڏس ۾ الله جي سنت ڪان اڻ ڄاڻائي جو نتيجو آهي.

انساني نفس کي الله جي تابع ڪرڻ ڪو جز وقتي معاملو هرگز ناهي. بلڪہ ترجيحات جي لسٽ ۾ هن ڪم کي اولين اهميت ڏيڻ ڪانسواءِ ڪا واٽ ناهي. يقينن ذهانت جي بہ ضرورت آهي، ذهانت هڪ وڏي نعمت آهي، ذهين ماڻهو ئي عام ماڻهن کي متاثر ڪري، معاشري جي تبديلي جو ذريعو بڻجن ٿا، پر ذهانت ۾ خطرا بہ موجود آهن. ذهانت اُن وقت فائديمند ٿي سگهي ٿي، جڏهن اُن سان گڏ دل جي طاقت بہ شامل هجي. علم بہ پنهنجي جاءِ تي اهميت رکي ٿو . علم ڪانسواءِ ديني تعليمات ۽ الله ۽ رسول جي حڪمن جي ڄاڻ نٿي ٿي سگهي. علم نہ هوندو تہ عمل جي صورت ڪيئن پيدا ٿيندي، پر علم جيئن تہ پاڻ سان گڏ حجاب بہ آڻي ٿو ، انهيءَ ڪري علم سان گڏ معرفت بہ ضروري آهي، تہ جيئن علم فائديمند ثابت ٿي سگهي.

دولت جي بہ ضرورت آهي، دولت نہ هوندي تہ غربت ۽ محتاجي رهندي ۽ دين جي خدمت جو ڪم متاثر ٿيندو، پر جيئن تہ دولت گهڻو ڪري، ماڻهن ۾ خرابي پيدا ڪرڻ جو ذريعو بڻجي ٿي، ان ڪري دولت سان گڏ اخلاقي تربيت ۽ نفس جي سڌاري جي بہ ضرورت آهي، تہ جيئن دولت جي ڪري ماڻهو اعتدال جو حدون اورانگي نہ سگهي.



معاشري ۾ حيثيت جو هجڻ بہ ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ معاشري ۾ تعارف ۽ حيثيت نہ هوندي تہ دين جي دعوتي ڪم ڪرڻ جي صورت مشڪل ٿي پوندي، پر جيئن تہ معاشري ۾ حيثيت ملڻ سان دل ۾ شهرت جو شوق پيدا ٿيڻ جو خطرو ٿئي ٿو . انهيءَ ڪري شهرت ۽ ناموري کان بچڻ لاءِ پاڻ کي فنا ڪرڻ جي بہ ضرورت آهي.

نفس جي پردن کي پري ڪري، دين ۽ ايمان کي قائم رکڻ لاءِ وقت ڏيڻ،اِ ن مقصد ۾ صلاحيتن جو استعمال ڪرڻ ضروري آهي، هن ڪانسواءِ فرد رسمي اسلام ۽ بحث ومباحثي کان اڳتي وڌي سگهي، نہ فقط مشڪل آهي، بلڪہ ناممڪن آهي، دين تہ انهي ترجيحي طريقي سان ئي حاصل ٿي سگهي ٿو.

مادي دنيا ۾ جديد قسم جي مذهبي فردن جي حالت اها آهي تہ ڪڏهن هو ڪنهن ديني ڪتاب جي مطالعي سان ايماني لذت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهن ٿا تہ ڪڏهن ڪنهن تقرير ذريعي ۽ ڪنهن ديني اجتماع ۾ شرڪت ذريعي اها سعادت حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. اهڙو فرد نوان، نوان ڪتاب پڙهندو رهي ٿو تہ شايد ڪيس زندگيءَ جو اصل گُر ۽ جوهر حاصل ٿئي ۽ سندس زندگي خير وبرڪتسان سرشار ٿي وڃي. هُو سڄي زندگي اهڙين وقتي ۽ هنگامي ڪوشش ۾ گذاري ڇڏي ٿو. پر عام طور سان ڪيس نہ تہ قلبي سڪون حاصل ٿئي ٿو ۽ نہ ئي ڪيس باطني بيمارين مان ڇوٽڪاري جي صورت پيدا ٿئي ٿي. دين جي آسان ٿيڻ جي نعمت تہ ان کان وڌيڪ مشڪل آهي.

اهو سڀ هڪڙي ڪمزوري جو نتيجو آهي، اها ڪمزوري دين وآخرت جي زندگيءَ کي دنيا جي زندگيءَ تي ترجيح نہ ڏيڻ ۽ دين کي جز وقتي مسئلو سمجهڻ جي آهي .

دين ۾ آخرت جي ڪاميابي ايترو سستو سودو ناهي، جو اها آساني سان حاصل ٿي وڃي، اُن لاءِ ته نفسي قوتن سان جنگ جوٽي، انهن کي تابع ڪري، الله ۽ رسول جي اطاعت ۾ ڏيڻو پوي ٿو.

دين جي گُهرجن ۽ نفسي قوتن جي گهرجن جي وچ ۾ هر موڙ تي وڏي ڇڪتاڻ ۽ جنگ جنگان رهي ٿي. ان جو اندازو هيٺين نقشي مان لڳائي سگهجي ٿو.

(1) دين چاهي ٿو ته فرد، الله سان محبت بلڪ عشق جو تعلق قائم ڪري، جڏهن ته نفس چاهي ٿو ته ان جي ضرورت ناهي، ڇاڪاڻ ته الله جو عشق غيرمعمولي مجاهدون ۽ ڪوششون چاهي ٿو. جيڪي انتهائي دشوار آهن.

(2) دين چاهي ٿو ته فرد، دنيا جي لاءِ ايترو ئي وقت خرچ ڪري، جيترو وقت دنيا ۾ رهڻو آهي ۽ آخرت جي لاءِ اوترو وقت ۽ توانائيون خرچ ڪري، جيترو آخرت ۾ رهڻو آهي، جڏهن ته نفس چاهي ٿو ته آخرت جڏهن ايندي، تڏهن ڏٺو ويندو . في الحال ته سڄي طاقت دنيا جي زندگي کي خوشگوار بنائڻ ۽ دنيا جي زيب وزينت جي سامان ميڙڻ ۾ خرچ ڪرڻ گهرجي.

(3) دين چاهي ٿو ته، غفلت ۽ سستي ڇڏي ڪري، بنيادي ديني تعليم جي حاصلات ۽ ان تي عمل جي جدوجهد کي قابل ذڪر وقت ڏي، جڏهن ته نفس چاهي ٿو ته ا ِن جي ڪابه ضرورت نه آهي، رسمي دين داري ئي ڪافي آهي.

(4) دين چاهي ٿو ته الله جي عبادت جو حق ادا ڪرڻ گهرجي ۽ ا ِن جي عادت وجهڻ گهرجي، جيڪو هميشه صالحين جو طريقو رهيو آهي، پر نفس چاهي ٿو ته اهڙي قسم جي عبادت ۽ عبادت ۾ اهڙي فنائيت اولياءِ ڪرام جي لاءِ خاص آهي، اسان ان جي لائق ناهيون.

(5) دين چاهي ٿو ته سادي زندگي گذارڻ گهرجي، جڏهن ته نفس چاهي ٿو ته ، گاڏيون، بنگلا، دولت ۽ زندگي جي رونق جو سامان گهرجي.



(6) دين چاهي ٿو ته بهتر ۽ پاڪيزه معاشرت اختيار ڪرڻ گهرجي، شاديءَ ۾ فضول خرچي ۽ ڏيکاءُ کان بچڻ گهرجي، گهرن ۾ پردي جو اهتمام هئڻ گهرجي، مادي تهذيب جي هر قسم جي اثرات کان بچڻ گهرجي، جڏهن ته نفس چاهي ٿو ته اسلامي معاشرتي طرز کان هٽي ڪري، معاشرت اختيار ڪرڻ سان معاشري ۾ ذليل ۽ خوار ٿيڻو پوندو آهي، ان ڪري هن دور ۾ ديني معاشرتي زندگي عمل جوڳي ناهي.

(7) دين چاهي ٿو ته ضرورت کان وڌيڪ دولت غريب مائٽن، محتاجن ۽ مسڪينن ۾ خرچ ڪرڻ گهرجي ته جيئن انهن جي معاشي پريشانين ۾ گهٽتائي ٿئي، جڏهن ته نفس لاءِ دولت کان هٿ کڻڻ مشڪل آهي. اهڙو دين ۽ مذهب جيڪو دولت ميڙڻ جي راه ۾ رڪاوٽ بڻجي ۽ جيڪو گهٽي کان گهٽي دولت کي الله ج جي راه ۾ خرچ ڪرڻ جي تعليم ڏيندو هجي، اهڙو دين اسان جي مزاج جي ابتڙ آهي ۽ اهو اسان کي پسند ناهي، توڙي جو فرد زباني طور ايئن چئي نه سگهي، پر نفس عملا اهڙو مظاهرو ڪري ٿو.

(8) دين چاهي ٿو ته ڪاروبار ۽ معاشي سرگرمين ۾ ناجائز شين کان بچجي، وياج جو اثر به نه هجي، ملاوٽ نه هجي، رشوت نه هجي، گهڻو منافعو نه هجي، ذخيره اندوزي نه هجي، ماڻهن جي مجبورين مان ناجائز فائدو حاصل ڪري، انهن سان ڦرلٽ جو رويو نه هجي، راتون، رات امير ٿيڻ جي خواهش ۽ پيشيوار سرگرمين ۾ جعل سازي ۽ فريب ڪاري نه هجي، ۽ فني مهارت جي ذريعي ناجائز فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ ، ماڻهن جي کيسن تي ڌاڙن هڻڻ جون حرڪتون نه هجن، جڏهن ته نفس جي چاهت اها آهي ته دين جون اهي تعليمات اهڙيون آهن، جيڪي خوشحال زندگي جي واٽ ۾ رڪاوٽ آهن. مسجد ۾ وڃڻ ۽ ٿورو گهڻو ذڪر ڪرڻ جي حد تائين ته دين

جون تعليمات قابل قبول آهن، پر معاشي خوشحالي جي ڏس ۾ دين جون پابنديون قبول ناهن.

(9) دين چاهي ٿو ته مٽن مائٽن ۽ دوست احباب جي غلطين کي درگذر ڪجي، ڪين بالڪل معاف ڪري ڇڏجي، بلڪ انهن سان اجان وڌيڪ ڀلايون ڪجن ۽ ساڻن تعلقات ڪنهن به قيمت تي نه ڇنڻ گهرجن.

جڏهن ته نفس چاهي ٿو ته جتي اسان جي عزت، وقار ۽ آنا ۾ ڪمي اچي ۽ روين ۾ خودداري مجروح ٿيندي هجي، اتي اسين انتقام وٺڻ کان سواءِ رهي سگهون، ممڪن ناهي. آخرڪار عزت نفس به ته ڪا شيءِ هوندي آهي، اهڙي مٽي مائٽي کهڙي ڪم جي، جتي اسان جي شان ۾ فرق اچي ۽ اسان جي حيثيت مطابق اسان جو آڌر ڀاءُ نه ٿيندو هجي.

مطلب ته زندگيءَ جي هر موڙ تي دين جا پنهنجا تقاضا آهن، جڏهن ته نفس جا اُن جي بلڪل اُبتڙ ٻيا تقاضا آهن، جيڪي هر موڙ تي هڪ ٻئي سان ٽڪرائجن ٿا.

اِ هي حالتون اهڙيون آهن، جيڪي نفس سان هڪ صبر آزما ويڙهه جوڙڻ واريون آهن.

نفس جي اصلاح ڪانسواءِ انساني جوهرن سان سينگارڻ جي سعادت حاصل ٿي سگهجي، ممڪن ناهي ۽ ان جي نتيجي ۾ آخرت ۾ جيڪا خواري ٿيندي، اِ ها اهڙي خواري آهي، جيڪا ناقابل بيان تڪليف واري آهي.

دين و دنيا جي ڀلائي جون سيئي واٽون نفس سان جنگ جوڙڻ جي حالتن مان گذرن ٿيون، جنهن فرد اهو نڪتو سمجهي ورتو ، ۽ الله جي محبت جي دنيا ۾ شامل ٿي ڪري، نفس کي روزانو فنا ڪري ۽ ان جي



طاقتن جي زور کي ٽوڙڻ ۽ اُن کي الله ورسول جي پيروي جي راه تي هلڻ ۾ لڳائي ڇڏيو ، اُهو ئي شخص ڪامياب ۽ خوش نصيب آهي (قد افلح من تزڪيٰ ) ان کان وڌيڪ خوش نصيب انسان ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو .

نفس کي مفتوح ڪرڻ جي اِ ها واٽ اهڙي آهي، جنهن سان دنيا ۾ غرق ٿيڻ يا دنيا کي مقصد بنائڻ کان هٿ ڪٽڻو پوي ٿو ، يعني دنيا جي حوالي سان ايثار وقرباني جو مظاهرو ڪرڻو پوي ٿو ، ذڪر وفڪر، عبادت وعبديت لاءِ ڪافي وقت ڏيڻو پوي ٿو ۽ پنهنجي سڀني مصروفيات ۾ انهي ڪم کي مقصد جي حيثيت ڏيڻي پوي ٿي. جيتوڻيڪ دنياوي سرگرميون به جاري وساري رهن ٿيون، پر دنيا ۾ غرق ٿيڻ جي حالت نه رهندي، اُهي ماڻهو خوش نصيب آهن، جيڪي ايئن ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا، الله انهن کي هن دنيا ۾ به حياة طيبه يعني پاڪيزه زندگي ۽ خوشين سان ڀريل زندگي عطا فرمائي ٿو ۽ دنيا جي گهٽتائي يا مادي معاملات ۾ ٿيندڙ نقصانن سان اُن جي دل جو سڪون متاثر نه ٿو ٿيڻ ڏي .

ٻئي شيءِ جنهن جي فرد کي ضرورت آهي، اها آهي، عقل جي سرحدن کان اڳتي وڌي، دل جي گهراين ۾ لهڻو پوي ٿو. دل، جيڪا حقيقي محبوب سان محبت جو اصل مرڪز آهي ، دل جي انهن غيرمعمولي صلاحيتن کي جاڳائڻو پوي ٿو ۽ پاڻ کي الله سان محبت جي ارتقائي مرحلن مان گذارڻو پوي ٿو جيڪو فرد، دل ۾ ٽپيون هڻي ٿو ، اُن کي ئي معلوم ٿيڻ لڳي ٿو ته ايمان جي حقيقت ۽ اُن جي اصليت ته دل جي سرحدن جي ٻي پاسي آهي، جيستائين فرد هن سرحد کي پار نه ٿو ڪري، تيستائين فرد لاءِ نفسي قوتن جي يرغمالي کان بچڻ مشڪل آهي.

# جديد انسان چوواٽي تي

صنعتي انقلاب ۽ ان جي نتيجي ۾ حاصل ٿيندڙ مادي ترقيءَ يورپ جي رهواسين کي مادي دلچسپيين ۾ مشغول ڪري ڇڏيو. نتيجي ۾ يورپ ۾ مذهبي خلا پيدا ٿي پيئي. ان خلا ۾ يورپي تهذيب هڪ نئون موڙ مڙي. اها هر قسم جي مذهب ۽ روحانيت جي مخالف ٿي پيئي. چرچ جي قديم خوف کان آزاد ٿيڻ خاطر يورپ وارا مذهب جا دشمن بڻجي پيا. يورپ پنهنجي پراڻي ورثي يعني رومن تهذيب ڏانهن موٽي ويو. موجوده يورپ جو مادي تصور، عيسائي مذهب جي ان روحاني تصور خلاف هڪ انتقام آهي، جيڪو زندگيءَ جي حقيقتن کان بي خبر هو. ان سان گڏ يورپ جي موجوده ترقي عيسائي چرچ خلاف سندس ڊگهي جدوجهد کان سواءِ ممڪن نہ هئي.

اسان کي اجوڪي مغربي تهذيب ۽ عيسائيت جي وچ ۾ خانگي تعلقات بابت ڪجهہ چوڻو نہ آهي. اسان ڏيکارڻ چاهيون ٿا تہ موجوده مغربي تهذيب پنهنجي تصور ۽ عمل ۾ مذهب دشمن چو آهي. پهريون سبب آهي مغرب جو تهذيبي ورثو يعني رومن تهذيب، جيڪا مڪمل طور مادي تهذيب هئي. ٻيو سبب آهي عيسائيت جي دنيا سان نفرت ۽ انسان جي خواهشن تي ناروا پابندون ( جيڪي عوام لاءِ تہ سختيءَ سان قائم رکيو وينديون هيون پر سياسي ۽ مادي اقتدار وارن لاءِ نرم ڪيون وينديون هيون) ٽيون سبب هو خدا جو انساني تصور.

مذهب جي خلاف اها بغاوت مڪمل طور ڪامياب ٿي، ايتري قدر جو يورپ جي مختلف چرچن کي پنهنجا ڪيترا اصول نئين سماجي ۽ ذهني فضا سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ بدلڻا پيا. اج عيسائي مذهب يورپ وارن جي



سماجي زندگيءَ تي ڪو اثر نہ ٿو رکي. عيسائيت اج ان ڳالهہ تي مطمئن آهي تہ ڪيس معاشري ۾ خاموشيءَ سان برداشت ڪيو وڃي. عوام لاءِ ان جو مطلب رڳو هڪ ضابطي طور وڃي رهيو آهي، جهڙيءَ طرح قديم روم ۾ بتن جي پوزيشن هئي. ان جو عوام جي زندگيءَ تي ڪو اثر نہ آهي. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ مغرب ۾ ڪي اهڙا شخص موجود آهن، جيڪي مذهبي طور سوچين ٿا، پر اهي اقليت ۾ آهن. عام يورپي، پوءِ اهو ڪهڙي بہ سياسي گروهہ سان وابستہ هجي، رڳو هڪ مذهب کان واقف آهي، اهو آهي مادي ترقي جي پوڄا، انهن جو مقصد آهي زندگيءَ کي آسان بنائڻ. ان مذهب جا عبادت گاهہ آهن: فيڪٽريون، سئنيمائون، ڪيميڪل ليبارٽريون، ناچ گهر، بجلي گهر، ۽ ان جا پادري بئنڪر، انجنيئر، ڊانسر، فلم اسٽار، هوا باز ۽ صنعت ڪار آهن.

ان مادي ترقي ۽ عياشيءَ جي ڊوڙ ۾ اهڙا انسان پيدا ٿيا آهن، جن جا اخلاق مفاد پرستيءَ جي حدن کان اڳتي نہ ٿا وڃن، ۽ جن جي نظر ۾ نيڪي ۽ بديءَ جي ڪسوٽي آهي، مادي ڪاميابي. نتيجي ۾ مغرب جي سماج جي زندگيءَ ۾ زبردست تبديلي اچي ويئي آهي.مفاد پرستي روزبروز نئين اخلاقيات بڻبي پيئي وڃي. هر اها خوبي، جيڪا سماج جي مادي خوشحاليءَ ۾ اضافو ڪري، جهڙوڪ ٽيڪنيڪل صلاحيت، حب الوطني، قومي ايڪو وغيره، ان جي تعريف ڪئي ٿي وڃي ۽ انهن جو بار بار ذڪر ڪيو وڃي ٿو ، پر اهي خوبيون جن جو واسطو پاڪيزگي، عصمت ۽ غيرت وغيره سان آهي، انهن کي ڪا اهميت ڏني نہ ٿي وڃي، چو تہ انهن مان سوسائٽيءَ کي ڪو ٺوس مفاد هٿ نہ ٿو اچي. اڳ مضبوط خاندان تي زور ڏنو ويندو هو چو تہ ان جي وسيلي قبيلي يا خاندان جي حفاظت آسان هوندي هئي، پر هاڻ اهو دؤر ختم ٿي رهيو آهي، ان جي جاءِ تي مغرب ۾ مجموعي آرگنائيزيشن جو تصور اڀري رهيو آهي. اها سوسائٽي جنهن جو مدار ٽيڪنالاجي تي هجي، ان ۾ پٽ جو پيءُ سان برتاءُ ڪنهن سماجي اهميت جو حامل نہ آهي،

جيستائين سندن هڪ ٻئي سان برتاءُ سماج طرفان عائد ڪيل حدن اندر آهي. نتيجي طور مغربي معاشري ۾ پيءُ جو پٽ تي ڪنٽرول روز بروز گهٽبو ٿو وڃي، منطقي طور پٽ جي دل ۾ پيءُ لاءِ عزت ۽ احترام گهٽبو ٿو وڃي. انهن جا پاڻ ۾ تعلقات مڪينيڪل سوسائٽيءَ جي اصولن متعلق استوار ٿي رهيا آهن، جن جو لاڙو ان ڳالهه ڏانهن آهي ته هڪ انسان کي ٻي جي مٿان ڪا فوقيت نه هئڻ گهرجي، نه خاندان جي ڪري ڪنهن شخص کي ڪا فوقيت يا فائدو ملڻ گهرجي.

ان سان گڏو گڏ جنسي اخلاقيات به ختم ٿي رهي آهي. عصمت ۽ وفاداري، مغربي معاشري مان موڪلائي رهيون آهن. ڇاڪاڻ ته انهن جو بنياد مذهبي اخلاقن تي ٻڌل هو ۽ اخلاق کي مغربي معاشري ۾ ڪو مقام حاصل نه رهيو آهي،ڇو ته انهن جو سماج جي خوشحاليءَ ۾ ڪو اثر نه آهي. نتيجي ۾ جنسي ضابطا ٽٽي رهيا آهن ۽ انهن جي جاءِ تي هڪ نئون ضابطو وجود ۾ اچي رهيو آهي، جنهن جو اصول آهي انساني جسم جو آزادانه استعمال، مستقبل ۾ جنسي پابنديون رڳو ڄمر، موت ۽ جنسي بيمارين جي خوف کان لاڳو ڪري سگهبيون. روس ۾ مذهب دشمني انتها تي پهتل آهي. اتي به مادي جي پوڄا ٿي رهي آهي ۽ شخصي آزاديءَ جو ڪو تصور نه آهي.

اهڙي قسم جون تهذيبون، مذهبي بنيادن تي قائم ڪلچرن لاءِ زهر قاتل جو درجو رکن ٿيون. ان ڪري اهو سوال ته ڇا اهو ممڪن آهي ته اسلامي زندگي ۽ مغربي تهذيب ڪنهن معاشري ۾ گڏوگڏ هلي سگهن ٿيون، ته ان جو جواب انڪار ۾ آهي. اسلام ۾ سڀ کان ضروري شئي انسان جي اخلاقي ترقي آهي، ان ڪري اخلاقي تقاضائون مادي نفعي ۽ مفاد پرستيءَ تي غالب رهنديون آهن. موجوده مغرب ۾ معاملو ان جي ابتڙ آهي، اتي مادي نفع بخشي هر انساني عمل تي غالب رهي ٿي. ان سوسائٽيءَ ۾ اخلاقيات لاءِ زندگيءَ جي عملي ميدان ۾ ڪا به جڳهه ناهي. ان جو



سوسائٽيءَ تي ذري جيترو به اثر نه هوندو آهي. ان ماحول ۾ اخلاق جو چوٻول ڪرڻ منافقت آهي. ان ڪري مغربي مفڪر پنهنجي تهذيب جو ذڪر ڪندي اخلاقيات، مذهب ۽ روحانيت جو نالو به نه وٺندا آهن. اخلاقيات، بابت اهڙي قسم جو رويو مذهبي بنيادن سان بلڪل ٺهي نه ٿو سگهي. ان ڪري مغربي تهذيب ۽ اسلام هڪ ٻئي سان گڏ هلي نه ٿا سگهن.

پر ان جو اهو مطلب هر گز نه آهي ته مسلمان مغرب کان سائنس ۽ هنر نه سکن، پر ان کان اڳتي وڌي مغرب سان ڪلچر جا رشتا قائم ڪرڻ، يا مغرب جي نقالي ڪرڻ يا مغربي تهذيب کي اپنائڻ، اسلام کي سخت ڇيهو رسائڻ جي برابر ٿيندو. ان کان پوءِ اسلام تي عمل ڪرڻ جو خواب هرگز پورو ٿي نه سگهندو.

## صليبي جنگين جو پاڇولو

مسلمانن لاءِ مغربي تهذيب جي نقاليءَ کان پرهيز ضروري آهي. ان جا گهڻائي سبب آهن، هڪ اهو ته اسلامي تهذيب ۽ مغربي تهذيب جي وچ ۾ روحاني طور زبردست ويڇو آهي. ان کان سواءِ مغرب وارن جي دل ۾ اسلام جي خلاف تاريخي طور تي سخت نفرت ويٺل آهي. جنهن جو بنياد يورپ وارن جي تهذيبي ورثي ۾ موجود آهي. يوناني ۽ رومي رڳو پاڻ کي سڌريل سمجهندا هئا. باقي ساري دنيا ۽ خاص ڪري يونچ سمنڊ کان مشرق طرف ملڪن جي باشندن کي وحشي سمجهندا هئا.

قديم زماني کان وٺي يورپي پاڻ کي سڄي دنيا کان اعليٰ تصور ڪندا ٿا اچن. ٻين قومن کي حقارت سان ڏسڻ مغربي تهذيب جو خاص امتياز آهي. پر اسلام جي خلاف يورپي قومن جي نفرت رڳو ان بيان جي روشنيءَ ۾ سمجهڻ مشڪل آهي. اسلام خلاف مغرب جو رويو ڪنهن خاموش نفرت وارو نه آهي، جيئن ٻين سمورن مذهبن يا ڪلچرن بابت آهي. اسلام خلاف مغرب وارن جي نفرت تمام گهري آهي، ان ۾ سخت نفرت جا جذبا موجود

آهن. يورپ وارا ٻڌ ڌرم يا هندو مت جي اصولن سان ڪيترا ٻه اختلاف رکندا هجن، پر انهن جي باري ۾ مغرب وارن جو رويو دشمني وارو هرگز نه آهي، پر جيئن ئي اسلام جو نالو سامهون اچي ٿو انهن جا جذبا مشتعل ٿي ٿا وڃن. انهن جي وڏن ليڪڪن جو به اهو حال آهي، جو سواءِ چند لکڻ وارن جي ٻين جي ڪتابن ۾ غير سائنٽيفڪ طور اسلام خلاف زهر ڀريل ڏسڻ ۾ ايندو.

انهن جي ريسرچ مان نظر ايندو آهي ته اسلام ڄڻڪ ڪو جوابدار آهي، جيڪو ججن جي آڏو پيش ٿيل هجي. انهن جي ريسرچ تعصب سان ڀريل هوندي آهي ۽ مسلمانن طرفان پيش ڪيل مواد کي ڪو وزن نه ڏنو ويندو آهي. ان جو نتيجو هي آهي ته اسلام ۽ مسلمانن بابت مغربي لٽريچر ۾ غلط تصوير پيش ڪئي ويئي آهي، اها غلط تصوير ڪشي ڪنهن هڪ ملڪ تائين محدود نه آهي، اها انگلينڊ ۾ به اوهان کي ڏسڻ ۾ ايندي ته جرمنيءَ ۾ به، روس ۾ به ته اٽلي ۾ به ۽ فرانس ۾ به. مطلب ته يورپ وارا جڏهن به اسلام بابت لکن ٿا، غلط لکن ٿا. حقيقت ۾ جڏهن به يورپ وارن کي اسلام تي تنقيد جو موقعو ملي ٿو هو انهن ۾ حاسدانه طور خوشي محسوس ڪن ٿا. ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته هڪ نه ٻئي سبب جي ڪري يورپي دماغ اسلام کي نفرت ۽ حقارت سان ڏسي ٿو. ان جو هڪ سبب ته اهو ٿي سگهي ٿو ته قديم زماني کان يورپ وارا دنيا کي ٻن حصن ۾ ورهائي پاڻ کي مهذب ۽ باقي سموري دنيا کي وحشي ۽ غير مهذب سمجهندا پيا اچن. ٻيو سبب صليبي لڙايون آهي.

متحده يورپ ۽ اسلام ۾ پهريون وڏو ٽڪراءُ يعني صليبي جنگيون ان وقت ٿيون، جڏهن يورپي تهذيب شروع ٿي رهي هئي. اها تهذيب اڃان چرچ جي اثر کان آزاد نه ٿي هئي. ان وقت اڃان يورپ تي قرون وسطيٰ جي اونداهيءَ جو به اثر هو انهن سيني ڳالهين جي ڪري يورپ حساس هو. اهڙي وقت صليبي جنگين ان کي اسلامي دنيا جي سامهون آڻي بيهاريو.



اهو صحيح آهي ته صليبي جنگين کان اڳ به مسلمانن ۽ يورپ جي وچ ۾ لڙايون ٿي چڪيون هيون. جهڙوڪ عربن جو اسپين ۽ سسلي فتح ڪرڻ ۽ فرانس تي حملو ڪرڻ. پر اهي لڙايون يورپ جي بيداريءَ کان اوائلي دؤر جون هيون. اهي يورپ جي ڪلچرلي سجاڳيءَ کان اڳي جون هيون ۽ يورپ وارا انهن کي لوڪل معاملا قرار ڏيندا رهيا ۽ انهن جي اهميت کان پوري طرح واقف نه هئا.

صليبي جنگين جي ڪري پهريون دفعو اسلام بابت يورپ واسين ايندڙ ڪيترين صدين تائين پنهنجو رويو مقرر ڪري ڇڏيو. صليبي جنگين يورپ تي ايڏو گهرو اثر هن ڪري ڪيو ، جو يورپ ان وقت پنهنجي ٻالپڻي واري دؤر مان گذري رهيو هو. جڏهن ان جا ڪلچرلي رجحان پهريون دفعو نروار ٿي رهيا هئا. جهڙيءَ طرح هڪ فرد ننڍپڻي جا جهٽڪا سڄي عمرشعوري يا غيرشعوري طور ياد رکندو آهي، نقش ڇڏي ويندا آهن، جن کي وڏيءَ عمر ۾ عقلي سوچ ۽ ويچار جي نتيجي ۾ به مڪمل ذهنن مان ڪڍي ڇڏڻ ممڪن نه هوندو آهي. اهو ئي معاملو صليبي جنگين ۾ ٿيو. انهن يورپ جي عام سائيڪالوجي تي نهايت گهرو اثر ڪيو . انهن جي ڪري يورپ ۾ اهڙي ته هلچل شروع ٿي ويئي، جهڙي اڳ ڪڏهن به نه ٿي هئي ۽ نه وري بعد ۾ ٿي. هڪ عجيب نشي واري ڪيفيت پوري يورپ تي ڇانئجي ويئي، جنهن ڪجهه وقت لاءِ قومن، ملڪن ۽ طبقن جي وچ ۾ فرق ختم ڪري ڇڏيو. تاريخ ۾ پهريون دفعو يورپ متحد ٿيو ۽ اهو اتحاد اسلام جي خلاف هو. اسان کي ائين چوڻ ۾ ڪو عار نه آهي ته موجوده يورپ صليبي جنگين جي نتيجي طور وجود ۾ آيو. ان کان اڳ انگريز هئا، جرمن هئا، فرانسي هئا، پر صليبي جنگين جي دوران مغربي تهذيب جو نئون تصور اڀريو جنهن جو بنياد هو اسلام سان نفرت.

اهو بہ تاريخ جو عجيب معمو آهي تہ يورپ جي ان اتحاد ۽ بيداريءَ کي چرچ جو مڪمل تعاون حاصل هو . پر اڳتي هلي يورپ جي ترقي ۽ ڪارناما ان وقت ممڪن ٿي سگهيا، جڏهن چرچ جي سمورن اصولن ۽ ضابطن جي بر خلاف بغاوت ڪئي ويئي. ان ڪان پوءِ يورپ جي اصولن ۽ ضابطن جي برخلاف بغاوت ڪئي ويئي. ان ڪان پوءِ يورپ جي دل ۽ دماغ تان چرچ جو اثر ختم ٿي ويو. صليبي جنگين جي نتيجي ۾ يورپ صدين تائين اسلام جي خلاف پنهنجي نفرت ختم ڪري نہ سگهيو آهي.

يورپي فاتحن جيڪي مسلمانن جا ملڪ فتح ڪيا ۽ بعد ۾ وري هارائي مسلمانن کي موٽائي ڏنائون، انهن مسلم عوام تي اهڙا تہ ڦهر ڪيائون ۽ تباهي مچايائون، جو اڄ تائين مشرق ۽ مغرب جي وچ ۾ نہ ختم ٿيندڙ دشمنيءَ جو ٻج پئجي ويو. ٻيءَ صورت ۾ اهڙيءَ دشمنيءَ جو ڪو سبب نظر نہ ٿو اچي. توڙي جو اها ڳالهہ صحيح آهي تہ اسلامي تهذيب ۽ مغربي تهذيب پنهنجي روحاني بنيادن ۽ سماجي مقصدن ۾ هڪ ٻئي کان بلڪل مختلف آهن،پر تنهن هوندي بہ هڪ ٻئي کي برداشت ڪري سگهن ٿيون ۽ دوستاني ماحول ۾ رهي سگهن ٿيون، عملي طور ائين ٿيو بہ آهي. مسلمانن جي هميشہ اها آرزو پئي رهي آهي تہ مغربي دنيا سان عزت ۽ احترام سان گذارڻ گهرجي.

جڏهن خليفي هارون رشيد فرانس جي بادشاهہ چارلس ڏانهن پنهنجو سفير موڪليو تہ سندس مقصد دوستي ۽ تعلقات وڌائڻ هو ۽ ڪو دنيوي مفاد حاصل ڪرڻ نہ هو. ان وقت يورپ ڪلچرلي طور ايترو ترقي يافتہ نہ هو جو ان واقعي مان پورو فائدو حاصل ڪري سگهي ها، پر پوءِ بہ يورپ ان کي ناپسند نہ ڪيو. ان ڪان بعد صليبي جنگيون آيون ۽ اسلام ۽ مغرب جا تعلقات تباهہ ٿي ويا. ان ڪري نہ جو اهي جنگيون لڙيون ويون، جنگيون تہ ڪيترين ئي ٻين بہ قومن جي وچ ۾ لڙيون ويون ۽ بعد ۾ وساري ڇڏيون ويون ۽ ڪيتريون دشمنيون دوستن ۾ تبديل ٿي ويون. حقيقت ۾ صليبي جنگين



جو نقصان اهو هو جو انهن جي دوران اسلام جي تعليم ۽ مقصدن کي چرچ جي طرفان نهايت غلط رنگ ۾ پيش ڪري، يورپي ذهن کي اسلام جي خلاف زهريلو بنايو ويو. اسلام کي هڪ وحشيانہ غير مهذب ۽ پر تشدد مذهب جي رنگ ۾ پيش ڪيو ويو. ان کي دليل جي پاڪيزگيءَ جي بدران ظاهري رسمن جو مذهب قرار ڏنو ويو. اهڙيءَ طرح نفرت جو ٻج وڌو ويو. صليبي جنگين جي نتيجي ۾ جلد ئي اسپين ۾ عيسائين ۽ مسلمانن ۾ لڙائي شروع ٿي ويئي. صدين تائين جنگيون هليون، جنهن جي نتيجي ۾ آخر مسلمانن کي اسپين مان ڪڍيو ويو. انهن لڙائين جي ڪري يورپ ۾ اسلام جي خلاف نفرت وڌيڪ گهري ٿي ويئي. مسلمانن تي ان دوران نهايت سخت ظلم روا رکيا ويا ۽ انهن ظالمن تي يورپ ۾ خوشيون ملهايون ويون. توڙي جو مسلم اسپين جي تباهيءَ سبب يورپ جو بهترين ڪلچر تباهہ ٿي ويو ۽ ان جي نتيجي ۾ جهالت ۽ تعصب جو دور شروع ٿي ويو.

اڃان اسپين جو واقعو تازو ئي هو تہ هڪ ٻيو واقعو رونما ٿيو . جنهن مغربي دنيا ۽ اسلام جي تعلقات کي وڌيڪ ڇيهو رسايو. اهو واقعو هو قسطنطينہ جو ترڪن جي قبضي ۾ اچڻ. يورپ وارن جي نظر ۾ رهي ٿي بازنطيني سلطنت جي نشاني قسطنطينہ جي شڪل ۾ موجود هئي، جتي رومن ۽ يوناني تهذيبن جا اثر محفوظ هئا. ان کي يورپ وارا وحشي مسلمانن خلاف هڪ قلعو سمجهندا هئا. ان جي کسجي وڃڻ سان مسلمانن لاءِ يورپ جا دروازا کلي ويا. ان ڪان پوءِ 2-3 صديون يورپ وارن جي طرفان مسلمانن جي دشمني رڳو ڪلچرلي معاملن تائين محدود نہ رهي، پر سياسي ميدان ۾ بہ کلي ڪري سامهون اچي ويئي.

ان سموري ڪشمڪش جو هڪ نتيجو هي نڪتو تہ يورپ کي آرٽ ۽ سائنس جي ميدانن ۾ تمام گهڻو فائدو ٿيو. جيئن تہ يورپ وارا مسلمانن سان لهہ وچڙ ۾ آيا، ان ڪري ڪين ڪلچر، آرٽس ۽ سائنس جي ميدانن ۾ مسلمانن کي سکڻ جو موقعو مليو ۽ انهن شعبن ۾ يورپ ۾ نئين زندگي پيدا

ٿي. پر ان سموري احسان جو يورپ وارن نہ تہ ذڪر ڪيو. نہ ان سبب اسلام دشمنيءَ ۾ ڪا گهٽتائي آئي، اها دشمني روز بروز وڌندي رهي ۽ لفظ مسلم ٻڌڻ سان هر يورپي مرد ۽ عورت جي دل ۾ نفرت ڀڙڪو ڏيئي اڀرندي هئي. پوءِ جڏهن يورپ ۾ مذهبي جاڳرتا جو دور آيو ۽ يورپ ۾ عيسائيت فرقن ۾ وراهجي ويئي، ايستائين جو هڪ فرقو ٻئي فرقي جو دشمن بڻجي پيو ۽ پاڻ ۾ لڙايون ٿيڻ لڳيون تہ بہ سڀني فرقن جي اسلام دشمني قائم رهي. اڳتي هلي جڏهن يورپ مان مذهبي سوچ ختم ٿيڻ لڳي، تڏهن بہ اسلام خلاف نفرت قائم رهي. ارڙهين صديءَ جو مشهور فرينچ فلاسفر والٽيئر عيسائيت ۽ چرچ جو سخت دشمن هو پر ساڳئي وقت اسلام ۽ پيغمبر اسلام سان بہ سخت نفرت هئس. ڪجهہ عرصي کان پوءِ مغرب جا عالم فاضل شخص دنيا جي ٻين ڪلچرن جو مطالعو ڪرڻ لڳا ۽ ڪين انهن سان همدردي بہ ٿيڻ لڳي، پر اسلام جو مطالعو ڪرڻ وقت سندس دلين ۾ پراڻي نفرت ۽ تعصب اڀري آيا ۽ ڪلچرلي ويڇو ختم ٿي نہ سگهيو.

اسلام دشمني يورپي سوچ جو جز بڻجي چڪو هو. اهو صحيح آهي تہ اسلام تي لکڻ وارا پهريان مستشرق عيسائي مشنري هئا، جيڪي مسلم ملڪن ۾ ڪم ڪندا هئا ۽ انهن هڪ منصوبي هيٺ جاڻي واڻي اسلامي تعليم ۽ تاريخ کي مسخ ڪري پيش ڪيو تہ جيئن يورپ وارن کي اسلام سان نفرت ٿئي، پر اهو رويو اڄ تائين قائم آهي، جڏهن تہ مستشرقين ۽ چرچ طرفان پکڙيل اسلام خلاف نفرت جو ڪو پراڻو عذر بہ اڄ ڪالهہ موجود نہ آهي. حقيقت ۾ يورپ جو اسلام خلاف تعصب صليبي جنگين جو پراڻو اثر آهي، جيڪو قديم يورپي ذهنن تي قائم ٿي چڪو هو.

هتي ذهنن ۾ هڪ سوال پيدا ٿي سگهي ٿو تہ صديون پراڻي نفرت جيڪا مذهبي بنيادن تي يورپ ۾ چرچ وارن پنهنجي اوج واري دؤر ۾ پيدا ڪئي هئي، اڄ تائين ڪيئن هلندي پيئي اچي، جڏهن تہ يورپ وارا پاڻ بہ مذهب کان هٽي چڪا آهن، پر هڪ سائيڪالاجسٽ ان تي بلڪل حيران



نہ ٿو ٿئي، ڇو تہ ان کي خبر آهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص ننڍپڻ ۾ سيڪاريل سمورن مذهبي عقيدن کي ڇڏي بہ ڏئي تہ بہ ڪو وهمي عقيدو جيڪو انهن عقيدن سان لاڳاپيل هوندو آهي، ان کي ڇڏي نہ سگهندو آهي ۽ ان لاءِ وٽس ڪو معقول سبب بہ نہ هوندو آهي. يورپ جي اسلام ڏانهن رويي جو اهڙو ئي حال آهي. جيتوڻيڪ اها قديم مذهبي نفرت جيڪا اسلام دشمنيءَ جو سبب هئي، هن وقت موجود نہ آهي ۽ ان جي جاءِ تي ماده پرستي اچي ويئي آهي، پر يورپ جي دل ۾ غير شعوري طور اڄ بہ اسلام دشمني ويٺل آهي. ان دشمنيءَ جي تيزي ۽ تندي مختلف فردن ۾ مختلف پئي رهي آهي، پر اها ختم ڪڏهن بہ نہ ٿي آهي. صليبي لڙاين جو روح، اڄ بہ يورپ جي مٿان ڇانيل آهي ۽ ان جي تهذيب جو مسلم دنيا ڏانهن رويو واضح طور ڏسي سگهجي ٿو. مسلم حلقن ۾ اڪثر ٻڌڻ ۾ ايندو آهي تہ يورپ جي مسلم دشمنيءَ ۾ اسان جي دور ۾ گهٽتائي اچي رهي آهي، ايستائين چيو وڃي ٿو تہ يورپ اسلام کي هڪ مذهبي ۽ سماجي سگهہ طور تسليم ڪرڻ شروع ڪيو آهي ۽ اسان جا ڪيترا دوست اهو يقين ڪيو ويٺا آهن تہ يورپ اڄهو مسلمان ٿيو. ائين سوچڻ اسان لاءِ نا معقول شئي نہ آهي، ڇو تہ اسان جو ايمان آهي تہ سمورن مذهبن مان رڳو اسلام ئي اهو مذهب آهي، جيڪو تنقيد جي هر امتحان تي پورو اچي ٿو. ان سان گڏ اسان کي پيغمبر صلي الله عليہ وسلم جن جي هن فرمان تي بہ يقين آهي تہ آخر سڄي دنيا اسلام قبول ڪندي، پر ٻئي طرف اسان کي اهڙي ڪا شاهدي نظر نہ ٿي اچي تہ اسلام يورپ ۾ پکڙجڻ وارو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ مستقبل ۾ يورپ کي ڪي اهڙا ذهني ۽ سماجي جهٽڪا لڳن،جو ڪيس مجبور ڪن تہ هو زندگيءَ جو مذهبي فلسفو قبول ڪري سگهي. في الحال تہ مغربي دنيا پنهنجي مادي ڪارنامن جي سجائڻ ۾ محو آهي ۽ سندس نظر ۾ دنيوي خوشحالي ۽ آرام واري زندگي ئي اهڙو مقصد آهي، جنهن لاءِ جدوجهد ڪرڻ جڳائي. يورپ ۾ مذهبي فڪر نہ، پر ماده پرستي ترقي ڪري رهي آهي. اسان جا مسلمان دوست اجائي خوش فهميءَ ۾ مبتلا آهن.

# ترقي پسندي جو بنيادي نظريو

## سوشلزم ڇا آهي؟

ڪارل مارڪس جي دوست فريڊرڪ اينجلز 7_ مارچ 1883ع تي لنڊن ۾ تقرير ڪندي چيو هو ته جيئن ڊارون فطري دنيا ۾ ارتقا جو قانون ڳولي لڌو هو ، تيئن مارڪس انسان جي سماجي تاريخ ۾ ارتقا جو قانون دريافت ڪيو آهي، انهيءَ مختصر جملي ۾ اينجلز دراصل مارڪسي نظريي جو پس منظر ۽ ان جي اصل حقيقت بيان ڪئي آهي. ان جو مطلب اهو آهي ته سوشلزم کي سائنٽيفڪ انداز ۾ پيش ڪري، مارڪس انهيءَ فڪر جي تڪميل ڪئي آهي، جنهن جي ڊارون شروعات ڪئي هئي. اهو فڪر پيش ڪري، مارڪس ڊارون جي نظريي ۾ رهيل ڪمي پڻ پوري ڪئي آهي. ٻين لفظن ۾ ڪٽي ائين چئجي ته يورپ ۾ سائنس ۽ ڪليسا جي وچ ۾ ٽڪر ڪانپوءِ انسان خدا کان بغاوت جي جيڪا واٽ اختيار ڪئي هئي، تنهن ۾ اڃا بنيادي نقص موجود هيو. اهو نقص سوشلسٽ فلسفي اچي پورو ڪيو. اهڙيءَ طرح بي خدا تهذيب کي وڌڻ وجهڻ ۽ ترقي ڪرڻ جو موقعو مليو .

انساني زندگيءَ جي باري ۾ ٻه اهم سوال آهن، جن کي حل ڪرڻ کان سواءِ هڪڙي وک به اڳتي نٿي وڌائي سگهجي، اهي سوال هي آهن:

1 انسان جي پيدائش ڪيئن ٿي؟

2 سندس زندگي گذارڻ لاءِ قانون ڪهڙو هئڻ گهرجي؟

پهرين سوال جو تعلق زندگيءَ جي تشريح ڪرڻ سان آهي. جڏهن ته ٻئي سوال جو مطلب آهي پنهنجي زندگيءَ لاءِ صحيح واٽ ڳولڻ. هڪڙو سوال حياتياتي سائنس سان تعلق رکي ٿو ته ٻيو وري سماجي فلسفي سان.



اهي ٻئي سوال هڪ ٻئي سان گهرو لاڳاپو رکن ٿا. انساني پيدائش ۽ وجود بابت جيڪا به تشريح ڪئي ويندي، ان جو لازماً تعلق زندگي گذارڻ جي طريقي سان ئي هوندو ۽ زندگي گذارڻ لاءِ جيڪو به طريقو يا واٽ اختيار ڪبي، ان واٽ لاءِ انسان جي پيدائش ۽ نتيجي بابت هڪڙو نظريو اختيار ڪرڻ ضرور ٿي پوندو.

قديم دور کان وٺي اهو تصور رهيو آهي ته ڌرتي ۽ ٻيون سڀئي شيون هڪ خالق خلقيون آهن. ۽ انهيءَ خالق کي ئي اهو حق حاصل آهي ته اهو زندگي گذارڻ لاءِ به انسان کي هدايتون ڏئي ۽ صحيح عمل جي واٽ ٻڌائي. تاريخ ۾ جن تهذيبن جو ذڪر ملي ٿو، انهن مان اڪثر تهذيبون اهڙيون آهن، جيڪي خدا جي وجود جون قائل آهن. انهيءَ تصور مطابق قانون ڏيڻ جو حق به انهيءَ خدا کي ئي حاصل آهي، جنهن جي حڪم سان ڪائنات جي هر شئي هلي چلي ٿي. پر جيئن ته خدا ۽ ان جي قانون کي مڃڻ سان انسان کي پنهنجون خواهشون ڇڏڻيون پون ٿيون ۽ پنهنجي اقتدار ۽ اختيار تان هٿ کڻڻو پوي ٿو ، تنهن ڪري انسانن خدا کي مڃڻ سان گڏو گڏ شرڪ جي پڻ ملاوٽ ڪئي آهي.اهڙن انسانن جتي خدا کي مڃيو آهي، اتي انهن خدا سان گڏ ٻيا شريڪ به شامل ڪيا آهن. انهن هٿ ٺوڪي خدائن جي آڙ ۾ هنن پنهنجي لاءِ اهي سموريون شيون جائز ڪيون آهن جيڪي نفس کي محبوب آهن. اهو طريقو شروع کان وٺي هلندو اچي ٿو. اهو طريقو هو جنهن ذريعي اوائلي زماني جو انسان خدا جي غلاميءَ کان منهن موڙي،پنهنجي نفس جي پيروي جو ٻندو ٻڌجي چڪو هو. اهڙن انسانن لاءِ هڪ پاسي ته خدا جا حڪم هوندا آهن، ٻئي پاسي سندن نفساني خواهشون هونديون آهن، انهن ۾ نه ته اهڙي اخلاقي جراءت هوندي آهي، جو اُهي خدا جو انڪار ڪري سگهن، اهو ئي اهو سبب هو ، جنهن جي ڪري شرڪ ايجاد ٿيو. ڇاڪاڻ ته جيڪي ڪجهه خدا جي اجازت سان نٿو

ڪري سگهجي، اهو خدا جي پائيوارن جي نالي تي آساني سان ڪري سگهجي ٿو.

بغاوت لاءِ نوان بنياد: شرڪ جو اهو طريقو قديم زماني کان وٺي هلندو پئي رهيو آهي، پر يورپ ۾ سترهين صدي عيسويءَ ۾ سائنس ۽ ڪليسا جي وچ ۾ جيڪو ٽڪراءُ ٿيو. ان کان پوءِ الحاد ۽ بي دينيءَ هڪ منظم صورت اختيار ڪري ورتي. انسان سوچيو ته ڇو نه ماڳهين خدا جي وجود جوئي انڪار ڪيو وڃي ۽ خدا ۽ ان جي شريڪن جي بجاءِ پنهنجي لاءِ پاڻ ئي قانون ٺاهيا وڃن. ته جيئن نفس پرستيءَ لاءِ خدا ۽ ان جي شريڪن کان هميشه لاءِ جان ڇٽي ويندي. يورپ جوا ِ هو اُهو دور هو جنهن ۾ پادرين کي وڏي طاقت حاصل هئي. پادري فقط مذهب جا ٺيڪيدارئي نه هئا، پر اڪثر يورپي ملڪن جي سياست به سندن هٿ ۾ هئي، عيسائيت ۽ ان جي اصل تعليم کان خود پادري ڪوهين دور هيا. هو عوام جي جهالت ۽ بي عمليءَ مان ناجائز فائدو وٺي، پنهنجا مقصد پورا ڪندا هئا. ماڻهن کان نذرانا وٺي، انهن کي، جنت جا سرٽيفڪيٽ ڏيندا هئا، معافيءَ جا اهي پروانا ۽ قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ جا اهي اجازت ناما عام جام وڪيا ويندا هئا. جنت، خدا پرستي ۽ نيڪ عملن جي ذريعي حاصل ڪرڻ جي بجاءِ پوپ کان پيسن جي ذريعي ( عيوض ) حاصل ڪئي ويندي هئي، ان ڪري پادرين جي زندگي بادشاهن وانگر وڏي ٺاٺ ٺنگر سان گذرندي هئي.

اهو اهوئي زمانو هو. جڏهن يورپ ۾ عقل ۽ سائنس جي شروعات ٿي. نوان نوان نظريا ايجاد ٿيا، جنهن جي ڪري وهمي ۽ خيالي ڳالهيون ختم ٿيڻ لڳيون ۽ پادرين جا ٺاهيل هٺرادو نظريا ۽ عقيدا زائل ٿيڻ لڳا، ماڻهو هر ڳالهه تي اکيون ٻوٽي ايمان آڻڻ کان انڪار ڪرڻ لڳا، جنهن ڪري مذهبي حلقن ۾ قيامت برپا ٿي وئي. ڇاڪاڻ ته عقل ۽ آزاد خياليءَ جو مطلب اهو



هو ته پادرين جي بالادستي ختم ٿي وڃي ۽ علم وعمل جي نئين روشنيءَ ڪري ماڻهو آزاد ٿيندا وڃن.

ان ڪري ڪليسا وارن نون مفڪرن ۽ سائنسدانن جي بر خلاف ڪفر جون فتوائون جاري ڪيون. مسيحي دين جي حفاظت جي بهاني انهن سائنسدانن کي قتل ڪرڻ شروع ڪيو. ملڪيتون ضبط ڪرڻ لڳا. سائنسدانن، مفڪرن ۽ عالمن کي سزائون ڏيڻ لاءِ باقاعده عدالتون قائم ڪيو ويون. انهن عدالتن لڳ ڀڳ ٽن لکن سائنسدانن کي سزائون ڏنيون. انهن مان 32 هزار ماڻهن کي ته جيئري باهه ۾ ساڙيو ويو. انهن ۾ ڪيترائي مشهور مفڪر ۽ سائنس دان جهڙوڪ برونو ۽ گليلو پڻ شامل هئا.

ڪليسا جي انهن ظلمن جي ڪري علم دوست انسانن جي دل ۾ مذهب جي خلاف ضد ۾ نفرت پيدا ٿي پئي، ان ڪري انهن ڪليسا جي طاقت کي ختم ڪرڻ لاءِ ماڳهين خدا جي وجود جو انڪار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو نه هوندي بنياد. نه وري عمارت قائم ٿيندي. بهرحال سائنس ۽ پادرين جي انهي جهڳڙي مذهب ۽ خدا کان بغاوت جي واٽ اختيار ڪئي، حالانڪ اها بغاوت بگڙيل مذهبي ٽولي ۽ ان جي غلط اقتدار جي خلاف هئڻ گهرجي ها. خدا کان انڪار ڪرڻ کان پوءِ مغرب وارن کي پنهنجي زندگي جو نظام هلائڻ لاءِ به مونجهارا پيش آيا ۽ ٻن شين جي ضرورت پيش ٿي. هڪ اهو ته جيڪڏهن خدا ناهي ته پوءِ سوال هي آهي ته آخر انسان ڪيئن پيدا ٿيو ۽ هو ڪٿان آيو آهي؟ ٻيو اهو سوال ته انسانن جي هيڏي ساري ميڙ لاءِ جنهن جو ڪو خالق ۽ مالڪ نه آهي، زندگي گذارڻ لاءِ رهنمائي ڪٿان اچي؟ زندگيءَ لاءِ قانون جو سرچشمو ڪهڙي شيءِ هئڻ کپي؟ پهرين سوال جو جواب ڊارون ( 1882_ 1809ع ) ڏنو ته وري ٻئي سوال جو جواب ڪارمل مارڪس ( 1883_ 1818ع ) مهيا ڪيو. جيئن ته ڊارون جو جواب يورپ جي جديد مذهبي مخالف ذهن جي عين مطابق هو. تنهنڪري ڊارون جي نظريي کي ماڻهن پنهنجي دل جو آواز سمجهي قبول

ڪيو، پر مارڪس جو جواب يعني نظريو اهڙو هو، جنهن کي قبول ڪرڻ ۾ يورپ جي حڪمران ۽ مالدار طبقي کي پنهنجو موت نظر پئي آيو تنهنڪري مارڪس جو نظريو ترقي يافته يورپ ۾ ته مقبول نه ٿي سگهيو، پر ان نظريي ٻين ڪيترن ئي ملڪن جي ماڻهن کي متاثر ڪيو.

**مارڪسي نظريو ۽ اسلام:**

پهرين سوال جو جواب اهو ڏنو ويو ته انسان ماده مان ڦٽي نڪتو آهي. جيئن ٻج مان وڻ ڦٽندو آهي، وڻ مان وري ميوا ٿيندا آهن. ۽ اهو سارو عمل ڌرتي، پاڻي، هوا ۽ گرميءَ جي وسيلي پاڻمرادو ٿيندو آهي. بلڪل اهڙيءَ طرح ڪنهن زماني ۾ انسان به هڪ ننڍڙو ڪيڙو هو، جيڪو پاڻي ۾ پيدا ٿيو ۽ ان کان پوءِ هو تاريخ جي ڊگهي عرصي ۾ مختلف ساهوارن جي شڪل اختيار ڪندي آخرڪار باندر بڻيو. باندر مان ڦري وري انسان ٿي پيو___ مطلب ته زبردست دماغي ۽ جسماني قوتن ۽ صلاحيتن جو مالڪ انسان ڪنهن خالق جي تخليق ناهي، پر اهو زندگيءَ جي شروعاتي ڪيڙي مان پاڻ مرادو ڦٽي نڪتو ۽ ماحول جي لڳاتار عمل جي ذريعي موجوده حالت تائين پهتو آهي.

مارڪس وري انهيءَ شعر جو ٻيو مصرعو هيئن پيش ڪيو ته جيئن هڪ ڊگهي مادي عمل جي نتيجي ۾ انسان بنا ڪنهن خالق جي پاڻمرادو ٺهيو آهي، تيئن زندگي گذارڻ لاءِ به ڪيس ڪنهن بالادست هستي ۽ ان جي قانون جي ڪا ضرورت نه آهي. نه وري ڪامياب زندگي گذارڻ لاءِ ڪنهن فوق الفطري هستيءَ جي رهنمائي گهرجي. ڇاڪاڻ ته رهنمائي به مادي عمل جي ذريعي لڳاتار پاڻ مرادو حاصل ٿيندي رهي ٿي. جيڪي انسان مٿين مقصد لاءِ ڪنهن بالا هستيءَ جا اصول ضروري سمجهن ٿا، مارڪس انهن کي خيالي فلاسفر سڏي ٿو ۽ اهڙن ٻاهرين اصولن کي حقيقت جي خلاف قرار ڏي ٿو. سندس چوڻ آهي ته قانون جو سرچشمو ڪا فوق الفطري هستيءَ جي بجاءِ انسان جي پنهنجي زندگي آهي. جيئن مادي ماحول ذريعي



انسان هڪڙي حقير جرثومي مان موجوده ترقي يافته صورت ۾ حالت تائين سفر ڪيو آهي، تيئن سندس معاشي ماحول به پاڻ مرادو زندگي جي صحيح نظام تائين پهچائيندو.

زندگيءَ جي ماديءَ ارتقا ۾ جيڪو مقام ڊارون مادي کي ڏنو آهي، مارڪس سماجي ارتقا جي ميدان ۾ اهوئي ساڳيو مقام معاشي ذريعن کي ڏنو آهي. مارڪس جو چوڻ آهي ته جيئن انسان هڪ ڊگهي مادي عمل ذريعي ڪيڙي مان پيدا ٿيو آهي،تيئن انسان زندگيءَ جون ضرورتون حاصل ڪرڻ جي ڏس ۾ جيڪي ڪوششون ڪري ٿو، اهي ڪوششون ۽ پيداواري ذريعن ۾ ڦيرڦار ئي اهي شيون آهن، جنهن سان زندگي ۾ لڳاتار ارتقا ٿيندي رهي ٿي. معاشي جدوجهد سان هڪ اقتصادي دور وجود ۾ اچي ٿو، ڪجهه عرصي کان پوءِ اهو دور ختم ٿي وڃي ٿو ۽ ان جي اندران وري ان کان به بهتر هڪ ٻيو دور نمودار ٿئي ٿو ڪجهه عرصي کان پوءِ اهو دور به ختم ٿي وڃي ٿو، ان جي جاءِ تي ان کان به وڌيڪ ترقي يافته دور ظاهر ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح هڪ دور پنيان ٻيو بهتر دور ايندو رهي ٿو. اقتصادي حالتون انسان کي پاڻ مرادو بهتر مستقبل ڏانهن وٺي وڃن ٿيون. پيداواري ذريعن ۽ اقتصادي حالتن مان انساني تاريخ پڻ معلوم ٿئي ٿي. ان ڳالهه جي وضاحت ڪندي مارڪس لکي ٿو:

انسان جون پيداواري حالتون معلوم ڪرڻ جو ذريعو محنت جا اوزار ئي هوندا هن. گذريل زماني جون حالتون معلوم ڪرڻ لاءِ انهيءَ وقت جي معاشي اوزارن جي ايڏي ئي اهميت آهي جيڏي اهميت جانورن جون گم ٿيل ڪڙيون معلوم ڪرڻ لاءِ هڏائون پڃرن کي حاصل آهي. اهي معاشي اوزار ۽ آلات ئي آهن، جنهن سان انساني سماجي جي حالت معلوم ٿئي ٿي.

ارتقا جو اهو سلسلو انسان جي پيدائش کان وٺي جاري آهي. پهرين غلاميءَ جو دور هو پوءِ جاگيرداري جو دور آيو ان کان پوءِ سامراجي دور،

هينئر جلد ئي اهڙو دور اچڻو آهي، جيڪو ارتقا جي آخري منزل هوندو. اهو ئي دور هوندو جنهن ۾ انسان جي ڪاميابيءَ جو راز سمايل هوندو.

مارڪس 1859ع ۾ پنهنجي مشهور ڪتاب معاشيات تي تنقيدي تحقيق جي ديباچي ۾ لکيو هو:

مان پنهنجي ذاتي مطالعي جي آڌار تي هن نتيجي تي پهتو آهيان ته قانوني تعلقات يا رياست جون مختلف شڪليون وغيره انهن شين کي سمجهڻ لاءِ ذهن، تجربو يا مطالعو ناڪافي آهي. انهن سمورين شين جو بنياد مادي حالتون آهن. مادي حالتن کي هيگل شهري سماج سڏي ٿو انهيءَ شهري سماج جي جوڙ جڪ جو اقتصاديات سان گهرو تعلق آهي. مون اقتصاديات جو مطالعو پيرس ۾ شروع ڪيو هو. بروسيلزم ۾ به انهيءَ مطالعي کي جاري رکيم. اهوئي مطالعو منهنجو رهنما آهي. ان جو حاصل هنن لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو":

اها هڪ حقيقت آهي ته پيداوار جي خاص ذريعن سان انسان جا هڪ ٻئي سان خاص تعلقات قائم ٿي ويندا آهن. هو اهڙا تعلقات قائم ڪرڻ تي مجبور هوندو آهي اهي تعلقات اقتصادي پيداوار جو لازمي نتيجو هوندا آهن. پيداواري اوزارن جي نسبت سان قائم تعلقات ئي هوندا آهن جنهن سان سماج جي اقتصادي جوڙجڪ تيار ٿيندي آهي. اهي اقتصادي حالتون ئي آهن جنهن جي آڌار تي سماج جي قانوني ۽ سياسي عمارت جڙندي آهي. اقتصادي ڍانچي ۽ جوڙجڪ مطابق ئي سماج ۾ شعور پيدا ٿيندو ۽ ترقي ڪندو آهي. پيداواري ذريعن سان ئي زندگيءَ جون سموريون سماجي، سياسي ۽ ذهني عملن جون شڪليون مقرر ٿينديون آهن پر پوءِ اڳتي هلي سماج جون مادي پيداواري طاقتون پنهنجي زماني جي پيداواري تعلقات جو ضد ٻڻجي وينديون آهن. جنهن ڪري پيدا واري طاقتن جو ارتقا ۾ اوسر رڪجي ويندو آهي، ان جي نتيجي ۾ انقلاب برپا ٿيندو آهي ۽ اقتصادي بنياد تبديل ٿي ويندا آهن. جنهن ڪري سماج جو



سڄو جوڙ جڪ پڻ تمام تيزيءَ سان مٽجي ويندو آهي، سماج جي انهيءَ جوڙ جڪ ۾ پيداوار جي اقتصادي حالتن ۾ ٿيندڙ مادي ڦير ڦار جي وچ ۾ قانوني، سياسي، مذهبي ۽ جمالياتي فرق ڪرڻ ضروري آهي. جيئن ڪنهن ماڻهوءَ جي باري ۾ راءِ قائم ڪرڻ لاءِ محض اهو ڏسڻ ڪافي ناهي ته اهو فرد پنهنجو پاڻ کي ڇا ٿو سمجهي، بلڪل اهڙيءَ طرح اسين ڪنهن به دور جي حالتن ۽ ان جي تبديليءَ کي انهيءَ زماني جي فڪر ۽ شعور جي مدد سان سمجهي نه ٿا سگهون. ان کي سمجهڻ لاءِ مادي زندگيءَ جي تضادن کي سمجهڻ ضروري آهي. مطلب ته پيداوار جا سمورا تاريخي طريقا يعني قديم جاگيرداري ۽ موجوده سرمائيداري سامراجي نظام وغيره اهي سماج جا ارتقا پذير دور آهن. موجوده سامراجي معاشي نظام مان اهڙيون حالتون پيدا ٿينديون، جو آخرڪار تاريخ کان اڳ وارو دور ( Pre- Historic stage) نيٺ ختم ٿي ويندو."

مارڪسي نظريي جو مطلب هي آهي ته صنعت ۽ زراعت جنهن سان انسان پنهنجي لاءِ اٽو ۽ لٽو وغيره حاصل ڪري ٿو اهي شيون فقط روزگار حاصل ڪرڻ جا ذريعا ناهن. پر اهي انسان جي شعور جي تربيت پڻ ڪن ٿا ۽ انهن جي ذريعي زندگي جا سمورا شعبا هڪ خاص شڪل پڻ اختيار ڪن ٿا. انسان پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف اوزار استعمال ڪري ٿو. هر دور ۾ اهي اوزار تبديل ٿيندا رهن ٿا. اوزارن جي تبديلي ئي اها بنيادي شئي آهي، جنهن سان سماج تبديل ٿيندو رهي ٿو.

هڪڙو دور اهڙو هو، جنهن ۾ انسان پٿر جا اوزار استعمال ڪندو هو، وچ ۾ اڪيچار تبديليون ٿينديون رهيون. هينئر وري وڏين مشينن کان ڪم ورتو وڃي ٿو. پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ انهن اوزارن جو استعمال ۽ انهن ۾ ڦير ڦار ئي اهي شيون آهن، جنهن سان انساني زندگيءَ ۾ ڦيرو ۽ انقلاب ايندو رهي ٿو ۽ معاشرو هڪ دور کان ٻئي دور ۾ داخل ٿيندو رهي ٿو. ٻين لفظن ۾ ڪٿي ائين چئجي ته پيداوار حاصل ڪرڻ جي تاريخ انساني

معاشري جي ارتقا جي پڻ تاريخ آهي. جديد مشينن جي ايجاد کان اڳ انسان ننڍين ننڍين اوزارن کان ڪم وٺندو هو . هو ٿوريءَ موڙيءَ سان اڪيلي سر ڪاروبار ڪندو هو. جنهن ڪري ذاتي ملڪيت جو تصور پيدا ٿيو. تنهن ڪري چالاءَ تہ آسانيءَ سان معلوم ٿي ويندو هو تہ ڪهڙي شئي ڪنهن جي آهي ۽ انهيءَ شئي جي تياريءَ ۾ ڪنهن جي ڪيتري محنت آهي. ذاتي ملڪيت جو اهوئي تصور هو. جنهن سان مذهب ۽ اخلاق جا تصور وجود ۾ آيا. يعني خدا ۽ تقدير تي يقين جا تصور. انهي مذهب ۽ اخلاق ٻڌايو تہ هڪ ٻئي جي ملڪيت کي نہ ڦٻايو ۽ ڪوبہ شخص ٻئي جي دولت نہ ڦري. شادي، خاندان ۽ مٽ مائٽي وغيره جا تصورات بہ ذاتي ملڪيت ۽ دولت جي ڪري ئي وجود ۾ آيا تہ جيئن دولت ۽ ملڪيت، فرد جي خاندان ۾ موجود رهي. اخلاقي تصورن جو ڪوبہ وجود نہ هو ۽ نہ وري ڪنهن بالا هستيءَ جو . پر اهي معاشي حالتون ئي هيون، جن سماج ۾ انهن شين کي جنم ڏنو . انهن تصورن مان فقط ملڪيت وارن کي ئي فائدو رسندو هو. معاشري ۾ ٻہ طبقا موجود هئا، هڪڙا مالڪ تہ ٻيا غريب. جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو تہ ملڪيت واري طبقي مذهب ۽ اخلاقي قانون گهڙيا، جيئن سندن ملڪيتن کي تحفظ حاصل هجي، رياست بہ انهيءَ ڪري ئي وجود ۾ آئي تہ جيئن پوليس ۽ عدالتن جي ذريعي ملڪيت رکندڙن جو تحفظ ڪيو وڃي طبقاتي تقسيم جو اهو نظام ئي هيو جنهن انسانيت کي جنگ، بدامني ۽ غربت ۾ مبتلا رکيو آهي. سمورين ڏکن ۽ مصيبتن جو ڪارڻ ذاتي ملڪيت جو تصور ئي آهي .

پر صنعتي انقلاب جي ڪري هينئر حالتون تبديل ٿي چڪيون آهن. مشيني انقلاب سان پيداوار جا محدود ذريعا وڏي زبردست قوت حاصل ڪري چڪا آهن، هينئر ڪابہ شيءِ تيار ڪرڻ لاءِ هڪڙي شخص جي محنت ڪم نٿي ڏي، پر بي شمار ماڻهو گڏجي سڏجي جڏهن مشينن کان مدد وٺن ٿا تہ پوءِ ڪا شيءِ تيار ٿئي ٿي. هينئر آڏاڻن ۽ چرخن جي جاءِ تي



سٽ ڪتڻ ۽ ڪپڙي اُڻڻ لاءِ وڏا وڏا ڪارخانا وجود ۾ اچي ويا آهن. لوهر جي هٿوڙي جي جاءِ تي مشينن جا هٿوڙا استعمال ٿيڻ لڳا آهن. ڪاريگرن جي ننڍين دڪانن جي بدران وڏيون وڏيون فئڪٽريون قائم ٿي چڪيون آهن،جتي هزارين مزدور گڏجي ڪم ڪن ٿا. اڳ هڪڙو ئي شخص سمورو ڪم سرانجام ڏيندو هو پر هاڻي هزارين مزدور گڏجي سڏجي ئي اهو ساڳيو ڪم سرانجام ڏين ٿا، هينئر حالت اها آهي تہ جيڪي شيون فيڪٽرين مان تيار ٿي ٻاهر اچن ٿيون تن لاءِ اهو نٿو چئي سگهجي تہ اهي ڪنهن جي ڪيتري محنت سان تيار ٿيون آهن، ان ڪري هاڻي اهڙيون حالتون پيدا ٿيون آهن، جو پيداواري ذريعا اجتماعي صورت اختيار ڪري چڪا آهن.

ٻئي طرف انهيءَ انقلاب معاشري کي هڪ عجيب ڪشمڪش ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. اڳ اوزارن جو مالڪ ئي پيداوار ۽ آمدني جو مالڪ هوندو هو، ڇو تہ اها سندس ئي محنت جو ڦل هوندي هئي. جڏهن تہ هينئر محنت ۽ پيداوار ٻين جي هٿان تيار ٿئي ٿي، پر ملڪيت جو حق هينئر بہ مالڪ کي ئي حاصل آهي. حقيقت اها آهي تہ هينئر پيداواري ذريعا انفرادي جي بجاءِ اجتماعي صورت اختيار ڪري چڪا آهن، پر بدقسمتيءَ سان اڃا تائين ملڪيت جو اڳوڻو پراڻو طريقو ئي رائج آهي. جنهن ڪري انسانيت شديد مونجهاري ۾ مبتلا ٿي چڪي آهي، انهيءَ صورتحال جو آخري نتيجو جيڪو نڪرندو، اُهو اهو آهي تہ پورهيت طبقو جيڪو پيداوار تيار ڪري ٿو، پر انهيءَ پيداوار تي ملڪيت جي حق کان محروم آهي، سرمائيدارن جي خلاف بغاوت ڪندو، ڇاڪاڻ تہ پيداوار تيار ڪرڻ ۾ سرمائيدارن جو ڪوبہ حصو نہ آهي.

تاريخ ۾ اهڙو تضاد ظاهر ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو. انهيءَ بغاوت جو نتيجو اهو نڪرندو تہ پيداوار جا ذريعا ذاتي ملڪيت مان نڪري، مزدورن جي قبضي ۾ هليا ويندا، جيڪي انهن جا اصلي مالڪ آهن. ملڪيت ۾ انهيءَ تبديليءَ جي ڪري اهو ٿيندو تہ اهي سمورا اصول ۽ قانون جيڪي گذريل

تاريخ ۾ ملڪيت جي حفاظت لاءِ ناهيا ويا هئا. اهي سمورا تبديل ٿي ويندا فوج ۽ پوليس جو نظام پڻ ختم ٿي ويندو ، ڇاڪاڻ تہ اهي ادارا ذاتي ملڪيت وارن پنهنجي مفاد لاءِ قائم ڪيا هئا. جڏهن سڀئي پنهنجي پيداوار جا مالڪ بڻجي ويندا تہ پوءِ حفاظت جي ڪهڙي ضرورت باقي رهندي؟ اهڙيءَ صورت ۾ هڪ ٻئي کي ڪهڙو خطرو باقي رهندو؟

تاريخ ۾ اڳ بہ هڙيون طبقاتي جنگيون ٿينديون رهيون آهن. جن سان انسان حقيقت جي قريب آيو آهي. پر موجوده ويڙهہ سان انسان پنهنجي اصل حقيقت تائين پهچي ويندو . اوائلي دور ۾ انسان ذاتي اوزارن سان ڌار ڌار پنهنجي سر ڪم ڪندو هو . پر پوءِ حالتن ۾ انقلاب آيو ۽ ماڻهو هڪ ٻئي سان تعاون ڪرڻ لڳا. پر اهي تعاون جون ابتدائي صورتون هيون. ان کان پوءِ وڏيڪ ڦير ڦار ٿي ۽ ڪارخانا وجود ۾ اچڻ لڳا هيئنر انسان وڏيون وڏيون فيڪٽريون ٺاهي، انقلاب جي آخري دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي. انهيءَ انقلاب سان اهو امڪان پيدا ٿي ويو آهي تہ پيداواري ذريعا ذاتي ملڪيت مان نڪري، سڄي سماج جي قبضي هيٺ اچن. اهڙيءَ طرح مالڪن ۽ پورهيت جي وچ ۾ ٿيندڙ جهيڙا جهڳڙا هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندا اهي ظالمانہ قانون ۽ ادارا بہ ختم ٿي ويندا، جنهن سان سرمائيدار غريب مزدورن ۽ هارين تي ظلم ڪندا هئا.

اهڙيءَ طرح ٻن طبقن جي وچ ۾ ويڙهہ هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندي. انسان ذات مصيبتن کان هميشہ لاءِ نجات حاصل ڪري، امن ۽ سکون جي دور ۾ داخل ٿي ويندي . ذاتي ملڪيت جي سرشتي سان جيڪو مادي ماحول پيدا ٿيو هو، ان ۾ ملڪيت وارن کي پنهنجي ملڪيت جي حفاظت لاءِ جوڳا انتظام ڪرڻا پوندا هيا، جنهن ڪري انهن جي اندر خود غرضي پيدا ٿي پوندي هئي، جڏهن تہ محروم فردن ۾ پنهنجي ڪمزوري، بي وسي ۽ غربت جو احساس پيدا ٿيندو هو. هڪ پاسي ظلم هو تہ ٻئي پاسي مظلوم. انهيءَ صورتحال مان جهيڙا جهڙا، ڦڏا ۽ فساد پيدا ٿيندا هيا، پر اجتماعي



ملڪيت جي نظام ۾ اهو سڄو ماحول تبديل ٿي ويندو ، جنهنڪري اهڙا سمورا تصور ازخود ختم ٿي ويندا ۽ انسان سکون، اطمينان ۽ همدردي، اخوت ۽ محبت واري ماحول ۾ رهڻ لڳندو.

مارڪس جو بيان ڪيل اهو نظريو يقيناً ڪنهن حد تائين صحيح آهي. حقيقت ۾ انسان معاشي حالتن ۽ وقت جي ماحول کان ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور متاثر ٿئي ٿو. بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيندو آهي تہ پنهنجي چوڌاري موجود حالتن جي برخلاف سوچي بہ نہ سگهبو آهي. ساڳيءَ طرح مختلف طبقا پنهنجي مفادن جي ٽڪراءَ سبب وڙهي بہ پوندا آهن. اهو ڪو اهڙو راز ناهي، جيڪو لڪل هجي. جيڪڏهن مارڪس فقط اها ڳالهہ ڪري ها تہ اها صحيح ڳالهہ هئي ۽ ان تي ساڻس ڪنهن کي اختلاف ڪرڻ جي گنجائش باقي نہ رهي ها. پر مارڪس جي نظريي ۾ وڏو نقص اهو آهي تہ جيڪا شيءِ اتفاقي حالتن جي ڪري اوچتو پيدا ٿيندي آهي، مارڪس ان کي انسان جي اصلي حيثيت قرار ڏيئي، انهيءَ جي روشنيءَ ۾ ئي انسان جو مطالعو ڪري ٿو ۽ پوءِ پنهنجو فلسفو پيش ڪري ٿو. انهن معمولي شين کي بنياد بڻائي مارڪس بنيادي سوال حل ڪرڻ چاهي ٿو تہ انسان ڇا آهي ۽ ڪائنات سان سندن ڪهڙو تعلق آهي، زندگي گذارڻ لاءِ قانون جو سرچشمو ڪهڙو هئڻ کپي ۽ انسان جي ڪمال ۽ ڪاميابي جي حقيقي منزل تائين پهچڻ جو طريقو ڇا آهي وغيره وغيره. اهو ئي سبب آهي، جنهن ڪري اسين مارڪسزم کي غلط سمجهون ٿا ۽ يقيناً مارڪس جي فلسفي ۾ ڪي سچائيون بہ موجود آهن. پر اهي سچائيون مارڪس جي بنيادي فڪر ۾ اچڻ کان پوءِ بي معنيٰ ٿي وڃن ٿيون. (هلندڙ)

علي اڪبر راهمون

# شاه ولي الله جي اصلاحي تحريڪ

## ۽ اسان جي لاءِ رهنمائي

شاهه ولي الله دهلوي رحمة الله عليه ( 1703 - 1762 ) ڏکڻ ايشيا جو اهو عظيم عالم، مفڪر ۽ مجدد هو جنهن جو معاشري جي اصلاح ۽ نئين سر تنظيم ۽ تعمير جو فڪر ۽ پيغام اڄ به اسان جي سياسي، معاشي ۽ سماجي زندگي جي رهبري لاءِ ڪافي ۽ ڪارگر آهي. ارڙهين صدي جي هندستان جون سياسي، معاشي ۽ سماجي حالتون ڏسبيون ۽ ٻئي پاسي شاهه صاحب جو ڪم ڏسبو ته عقل دنگ رهجي ويندو، جو ماڻهو جي سوچ جو ڪانٽو هن نڪتي تي اٽڪي بيهي رهندو ته ان دور ۾ اهڙو صاحب بصيرت، انقلابي خيالن وارو جينيئس ماڻهو هن معاشري ۾ ڪيئن پيدا ٿيو جنهن جهالت، ظلم ۽ لاقانونيت جي ماحول جون سموريون بندشون هڪڙي فڪري جهٽڪي سان ٽوڙي، آزاد ۽ انقلابي سوچ جو علم بلند ڪيو. تقليدي علم ۽ صدين جي ڄميل فڪرن ۽ تعصبن جا ڪوٽ ڪيرائي، زندگي جي هر مسئلي جو بنياد تحقيق ۽ اجتهاد تي رکيو. شاهه ولي الله ان دور ۾ انقلابي نعرو هنيو ۽ قلمي جهاد لاءِ اٿي کڙو ٿيو جڏهن هندستان جو معاشرو چوڏاري بدڪرداري، بدڪاري، عياشي، نفس پرستي، قتل غارت، ظلم جبر، بدامني ۽ طوائف الملوڪي جي طوفان ۾ گهيريل هو. مولانا شبلي نعماني ( تاريخ علم الڪلام ) ۾ لکيو آهي ته هي اهو زمانو هو جڏهن مسلمانن ۾ صدين کان جاري عملي، عقلي زوال ۽ اخلاقي پستي پنهنجي آخري درجي تي پهتل هئي. ان وقت شاه ولي الله جهڙو مثالي عالم، مجتهد ۽ مجدد پيدا ٿيو جنهن جو علم ۽ قلم ٽوڙي فلسفي سمجهاڻيون ۽ نڪتي سنجيون ابن تيميه، امام غزالي ۽ ابن رشد جي ڪارنامن کان ڪنهن طرح گهٽ نه هيون. شاهه ولي الله ڏکڻ ايشيا جو پهريون عالم هو



جنهن جي عقابي نظر اسلامي تاريخ ۽ مسلمانن جي تاريخ جي اصولي فرق تي پهتي. جنهن مسلمانن جي عملي زوال ۽ ٻين اخلاقي خرابين جي پاڙ پڪڙي ۽ انهن جو علاج پڻ تجويز ڪيو. شاهه صاحب جو علم، فڪر تحقيق، تنقيد ۽ تجديد جو ڪم معاشي ۽ سياسي تحريڪن تي مشتمل آهي. شاه صاحب پنهنجي انقلابي تحريڪ جو آغاز مسلمان معاشري جي تنقيد ۽ اصلاح سان ڪيو. جڏهن تنقيدي تحريڪ تي ڀرپور لٽريچر تخليق ٿي چڪو ته هڪدم معاشيات جي تجديد ۾ اصلاحات جو علمي ۽ تحقيقي ڪم هٿ ۾ ڪنيو، البته سياسي اصلاحي تحريڪ جو ڪم اڃان ابتدائي مرحلن ۾ هو ته سندس زندگي وفا نه ڪئي ۽ هو رڻ جو راهي ٿي ويو. شاهه صاحب جي تنقيدي تحريڪ جون ڪجهه جهلڪيون، جيڪي سندس تقريرن ۽ تحريرن مان ملن ٿيون، تن جو خلاصو هن ريت آهي.

اي حڪمرانو! اوهان ۾ امانت، ديانت ۽ خلوص جي کوٽ آهي. پنهنجيون تلوارون اپيون ڪريو، تيستائين هيٺ نه ڪريو جيستائين حق ۽ باطل جي وچ ۾ مسلمانن ۽ مشرڪن جي وچ ۾ واضح فرق ۽ چٽائي نه ڪريو، امن ۽ سلامتي جو راڄ قائم ڪريو. سڄي ملڪ جي شاهراهن تي ڪجهه ڪجهه فاصلن تي چوڪيون قائم ڪريو. جن ۾ حاڪم ۽ حڪومتي ڪارندا مقرر ڪريو. جيڪي هر دم بنا ڪنهن فرق جي عوام کي انصاف وٽي ڏين ۽ مظلومن جي مدد ڪن ۽ ظالمن کي جوڳي سزا ڏين. اي بادشاهو! اوهين جڏهن اهڙي طرح پنهنجي ملڪ جي عوام جي سماجي، ثقافتي ۽ خانداني زندگي جي معاملن ۽ مسئلن کي سلجهائيندا ته در حقيقت اوهين شريعت تي عمل کي آسان بنائيندا. جنهن جي نتيجي ۾ ڪوبه ماڻهو شريعت جي خلاف ورزي نه ڪندو، اوهين جڏهن شريعت جو نظام نافذ ڪندا ته عوام الناس صحيح معنيٰ ۾ امن ۽ سلامتي جي مسرت مان لطف اندوز ٿي سگهندي.

جاگيردارن، اميرن ۽ آفسرن کي خطاب فرمايو ته اي جاگيردارو! ڇا اوهين خدا کان نٽا ڊڄو؟ ڇا اوهين دنيا جي عارضي ۽ فاني لذتن ۽ آسودگين ۾ هوش هواس وڃائي ويٺا آهيو. جو عوام جي دانهن ٻڌڻ وارو اوهان مان ڪير به ڪونه رهيو آهي؟مظلوم عوام کي انصاف وٽي ڏيارڻ

وارو ڪوبہ ڪونهي؟اي اميرو، آفيسرو! معاشري ۾ افراتفري ۽ انتشار هن حد کي وڃي پهتو آهي، جو ماڻهو، ماڻهو جو ماس ڪائي رهيو آهي. اوهين رنگين محفلون مچائڻ ۾ ۽ رنگ رليون ملهائڻ ۾ پورا آهيو. ڪلم ڪلا بازارن ۾ شراب ۽ جوا جا دڪان کليا پيا آهن، بدڪاري جا اڏا کليا پيا آهن، ڇا انهن براين تي پابندي وجهڻ وارو اوهان ۾ ڪوبہ ناهي؟ هن عظيم الشان ملڪ هندستان ۾ ڇهہ سئو سالن کان ڪابہ حد نہ لڳائي ويئي آهي، اوهان جا قاضي ۽ ڪارندا ڪمزورن کي پڪڙين ٿا ۽ ڏاڍن کي ڇوٽ ڇڏين ٿا، اوهان جون ذهني ۽ جسماني سموريون طاقتون قسمين قسمين طعامن، نرم ۽ گداز جسمن وارين عورتن مان مزا وٺڻ تائين محدود ٿي ويون آهن. اوهان جي خود پسندي ۽ آرام پسندي جو حال هيءُ آهي تہ اڇا اڇا لباس پهرن ۽ بالاخانن ۽ حويلين سجائڻ ۾ اوهين پورا آهيو. عوام اوهان جي درن تي انصاف لاءِ ترسي رهي آهي.

فوجي آفيسرن ۽ سپاهين کي مخاطب ٿيندي فرمايو. اي فوجي آفيسرو ۽ سپاهيو! اوهان جو ذمو جهاد في سبيل الله ڪرڻ آهي، الله جو ڪلمو بلند ڪرڻ ۽ مشرڪن جو زور ۽ طاقت کي ٽوڙڻ اوهان جو فرض آهي، پوءِ اوهين پنهنجا فرض ۽ ذميداريون ڀلائي ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟ ڇا اوهان جي گهوڙ سواري ۽ هٿيار برداري محض دنياوي ساز سامان ميڙڻ لاءِ آهي؟ ڇا اوهان جهاد کي محض روزي ڪمائڻ جو ذريعو تہ نہ بنائي ورتو آهي؟ خبردار! جهاد جي نيت ۽ مقصد کان اوهان جون دليون محروم ٿي چڪيون آهن. اوهان جين محفلن ۾ چرس، ڀنگ ۽ شراب جو واهپو عام جام ٿي ويو آهي، حلال حرام جي تميز ڪافور ٿي ويئي آهي. بيت المال ۽ قومي خزاني تي پنهنجا هٿ صاف ڪريو ٿا. غريبن مسڪينن تي پنهنجي طاقت ۽ بهادري جا جوهر چمڪايو ٿا. دشمن اسلام سان وڙهڻ کان ونئون وڃو ٿا.

واپارين ۽ هنر مندن سان مخاطب ٿيندي شاه صاحب فرمايو. اي تاجرو، ڪاريگرو! اوهان جي ڏنڌن مان امانت ۽ ديانت ختم ٿي چڪي آهي، الله جي ياد گيري ۽ آخرت جي خوف کان اوهان جيون دليون خالي ٿي چڪيون آهن. شرڪ، بدڪاري ۽ بدمعاشي ۾ اوهين مبتلا ٿي چڪا آهيو.



حج، زڪوات، خيرات محض ڏيکاءُ لاءِ ٿا ڪريو. غريبن مسڪينن جا حق ماري، ڦرلٽ ڪري، پنهنجي ڪائڻ ڀيئڻ، پهرڻ ۽ رهڻ تي اجايو خرچ ٿا ڪريو. اوهان جي زندگين ۾ قناعت ۽ ڪفايت موڪلائي ويئي آهي، انڪري اوهان جي ڪمائين ۾ برڪت نہ رهي آهي. اهل عيال، ويجهن مٽن مائٽن توڙي پاڙيسرين جا حق اوهان وساري ڇڏيا آهن. حرام خوري ۽ بدڪاري ۾ پنهنجي ڪمائي چٽ ۽ آخرت انڌاري ڪري رهيا آهيو.

شاه صاحب مولوين ۽ مشائخن کي مخاطب ٿي فرمايو تہ اي عالمو، پيرو بزرگو! اهي عهدا، منصب ۽ گاڏيون جن تي اوهين تشريف فرما آهيو، انهن جا اوهين حقدار بلڪل نہ رهيا آهيو. هيءَ اوهان فرقي بنديون ۽ جدا جدا جماعتون کهڙيون ٺاهي رکيون آهن، مسلڪ، ڏڙا بنديون ۽ گروه بنديون کهڙي اسلام جي روايت آهن. يقيناً اوهين الله ۽ سندس رسول جي معروف واٽ ڀلجي، ڀٽڪي گمراه ٿي چڪا آهيو. اوهان مان هر هڪڙو پاڻ مرادو مجدد ۽ مهدي بنجي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن سڏي رهيو آهي. اوهين سڀ خود پسندي ۽ ذات جي دوکي ۾ مبتلا آهيو. اهڙي طرح اوهين ٻين کي بہ دوکو ڏيئي رهيا آهيو. گمراهہ عالمن، واعظن ۽ مشائخن کي وڏيڪ خبردار ڪندي فرمايو تہ اي عقل جا محتاجو ! اي زهد ۽ تقويٰ جو ڍونگ رچائڻ وارؤ! اوهين پنهنجو پاڻ کي خوامخواه عالم ۽ مشائخ ڪوٺايو ٿا، اوهين ڪلام الله ۽ سنت رسول جي علم، فهم کان بلڪل ڪورا آهيو. اوهان پنهنجيون زندگيون سنت ۽ سيرت مطابق ٺاهڻ بدران پاڻ کي فرقي بندي ۽ ڏڙي بندي جي دائرن ۽ ڪوٺن ۾ بند ڪري رکيو آهي. خبردار! اها دين ۽ دنيا جي خدمت هرگز ناهي. جيڪڏهن اجان بہ اوهان جي دلين ۾ ايمان جي چڻنگ رهي آهي تہ الله ۽ سندس رسول جي اطاعت ڪريو. فرقن ۽ مسلڪن جا بند ٽوڙي مسلمان امت جي خدمت ڪريو. الله جي مخلوق تي سندس دين آسان بنايو. تنگ ۽ مشڪل نہ بنايو.

آخر ۾ سموري مسلمان امت کي مخاطب ٿي فرمايو تہ اي آدم جي اولاد! اوهين اخلاقي ۽ روحاني خوبين کان خالي ٿي چڪا آهيو. اوهان ۾

ماڻهپي ۽ انسانيت جو ڏڪار اچي چڪو آهي. اوهان جي دل دماغ تي حرص، هوس جو ڀوت سوار ٿي چڪو آهي. اوهين شيطان جي چنبي ۾ ڦاسي چڪا آهيو. مرد عورتن جا ۽ عورتون پنهنجن مردن جا حق ٽوڙي رهيون آهن. حرام اوهان لاءِ لذت افروز ۽ حلال بي مزو بڻجي چڪو آهي. ويساهه گهاتيون هڪ ٻئي سان اوهان جي عادت ۽ روايت بڻجي چڪي آهي. خدا جو قسم خدا ڪنهن کي به سندس طاقت ۽ گنجائش کان وڌيڪ تڪليف نه ڏيندو آهي .

اڄ اسين پنهنجي پسگردائي ۾ معاشرتي حالتن جو جائزو وٺنداسين ته معلوم ٿيندو، ارڙهين صدي ۾ ڏکڻ ايشيا ۾ جيڪو مسلمانن جي معاشري ۾ سياسي معاشي ۽ اخلاقي زوال هو، ان کان به اڄ اسان جي معاشري جون حالتون وڌيڪ خراب آهن. اڄ اسان جا حڪمران، سياسي رهنما ۽ سماجي اڳواڻ اقتدار پرستي ۽ مال دولت ميڙڻ جي حرص هوس ۾ مذهبي، اخلاقي ۽ انسانيت جون سڀ حدون ڪراس ڪري چڪا آهن. نا انصافي ظلم ۽ ڪنورتا ۾ وحشي قبيلن ۽ يهودين کي به پوئتي ڇڏي چڪا آهن.

اڄ اسان جا جاگيردار، امير ۽ ڪامورا، دنيا جي عارضي لذتن ۽ عيش عشرتن جي پويان ديوانن جيان ڊوڙي رهيا آهن ۽ هر قسم جي برائين ۽ گناهن جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي چڪا آهن. اڄ اسان جا سپه سالار ۽ لشڪر جهاد في سبيل الله ۽ الله جو ڪلمو بلند ڪرڻ کان ڪوهين ڏور آهن ۽ شجاعت جي جوهر ۽ شهادت جي جذبي کان انهن جون دليون بلڪل خالي آهن. اڄ اسان جا تاجر، صنعتڪار ۽ ڪاريگر سود خوري، ناجائز منافع خوري، فريب ۽ دوکي جي بزنس کي آرٽ سمجهن ٿا ۽ دنياوي ساز سامان کي آخرت جي ثمر تي ترجيح ڏين ٿا. اڄ اسان جا عالم، مولوي ۽ مشائخ حق، سچ جي راه تان ٿڙي چڪا آهن. مصلحت ۽ بي عملي جي ڪري امامت ۽ قيادت جون صلاحيتون وڃائي چڪا آهن. اڄ اسان جي معاشري ۾ فتنو فساد ۽ افراتفري هن حد کي پهتل آهي، جو اسين ٻهتر کان به وڌيڪ فرقن ۽ جدا جدا جماعتن ۾ تقسيم ٿي چڪا آهيون. اسان جي فرقن ۽ مسلڪن



جو حال هيءُ آهي ته هڪ ٻئي جي خلاف ڪفر، شرڪ ۽ بدعت جون فتوائون جاري ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي کي اسلام کان خارج ڪرڻ ۾ پورا آهيون. جڏهن ته عالمي ليول تي اسان مسلمانن جو حال هيءُ آهي ته سامراجي ۽ طاغوتي طاقتون اسان جي انتشار ۽ نا اتفاقي جو فائدو وٺي اسان جو گهيرو تنگ ڪري رهيون آهن. اسان کي پنهنجي مذهبي روايتن ۽ تهذيبي قدرن تان هٿ ڪڻائڻ لاءِ مجبور ڪري رهيون آهين، اسان کي پاڻ ۾ ويڙهائي اسان جي هڪ هڪ ملڪ کي نشانو بڻائي ان جي وسيلن تي قبضو ڄمائي رهيون آهن، اڄ دنيا ۾ اسين سڀ مسلمان جهڙي طرح مظلوم ۽ بي وس لاچار نظر اچون ٿا، اهڙي طرح اڄ ٻي ڪا به قوم نظر نٿي اچي. سوچڻ جي گهڙي آهي ته اهڙين حالتن ۾ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

حاصل ڪلام ته جڏهن ڪنهن معاشري جي خرابي ۽ زوال جي صورتحال مٿي ذڪر ڪيل صورتحال سان مطابقت رکندڙ هجي ته اهڙين حالتن ۾ اهڙو فلسفو، فڪر ۽ سماجي زندگي جا اصول گهربل هوندا آهن، جن جي رهنمائي ۾ ان معاشري جي حڪمرانن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن کي اقتدار ۽ دولت جي هوس ۽ خود غرضي جي ڏٻڻ مان ٻاهر ڪڍي سگهجي، معاشري جي مک طبقن کي اجتماعي مصلحتن ۽ مفادن جو احساس ڏياري سگهجي،اهڙي طرح اصلاحي عمل ۽ ڪوشش سان معاشري کي امن سلامتي ۽ قومي ترقي جي دڳ لڳائي سگهجي. سو اهي سڀ خوبيون ۽ صلاحيتون شاه ولي الله جي فلسفي، فڪر ۽ معاشري جي اصلاحي رهنمائي اصولن ۾ موجود آهي هر دور جنهن ۾ سياسي معاشي ۽ معاشرتي حالتون لڳ ڀڳ اهڙيون ٿي وڃن، جهڙيون ارڙهين صدي ۾ شاهه صاحب جي دور ۾ هيون، ته ان وقت معاشرتي اصلاح ۽ انقلاب جي ڏس ۾ شاهه صاحب جو فلسفو ۽ اصلاحي فڪر رهنما ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. ضرورت صرف هن ڳالهه جي آهي ته ان دور جا عالم اديب، صحافي ۽ سڄاڻ حلقا عوامي شعور جاڳائڻ ۽ قومي بيداري ۾ اهم ڪردار ادا ڪن.

محمد موسيٰ ڀٽو
آمنہ حامد زبيدي



# شاه جو ڪلام ۽ ان جي تشريح

## (۴)

سي ڀُوڄارا ڀُرِ ٿِئا، سَمُنڊَ سيئُو جَنِ،
آنڊائُون عَمِيقَ مان، جُوتِي جَواهَرنِ،
لَڌائُون لَطيفُ چي، لالُون مان لَهرنِ،
ڪانهِ قِيمَتَ تَنِ، مُلُ مَهانگو اُنِ جو.

اهي طالب مالا مال ٿي ويا، جيڪي محبوب جي عبادت ڪري بحروحدت ۾ مستغرق ٿيا، انهيءَ استغراق جي نتيجي ۾ هو جواهرات جا ڍير پاڻ سان ڪڍي آيا، اهي هن سمنڊ جي موجن مان اهڙا موتي ڪڍي آيا آهن، جيڪي املھ آهن ( سموري ڪائنات جا خزانا بہ ان جي مقابلي ۾ حقير آهن ) .

هتي شاعر جو اشارو سالڪ جي انهن ڪاميابين ڏانهن آهي،جيڪي هو تڏهن ماڻي ٿو جڏهن، ربّ تعاليٰ جي خالص عبادت ۾ غلطان ٿيڻ ڪري سالڪ، راه حق، معرفت نفس، ۽ معرفت ربّ جي مقامات تائين پهچي وڃي ٿو ۽ ان جي نتيجي ۾ ان تي ہي دنيا جون حقيقتون ظاهر ٿين ٿيون ۽ انساني نفس جن بي پناھ گهرائين سان واقفيت ٿئي ٿي ) .

## (۵)

سيوئو جَنِ سُبحانُ، وِيرِ نہ وِڙهي تَنِ سين،
توبَهَ جي تاثِيرَ سين، تَرِي وِئا طُوفانُ،
ٻيئي تَوَڪَّلَ تُڪِيو، اُرُ لَنگهِيا اَسانُ،
ڪامِلُ ڪِشتِبانُ، وِچَ ۾ گَڏِيُنِ واهَرُو.

جيڪي الله تبارڪ وتعاليٰ جي عبادت ۽ عبوديت جي ذريعي فنا جي مقام تي فائز آهن، انهن کي شيطان، نفس ۽ مادّي دنيا جون طاقتور ۽ سرڪش لهرون لوڏي نٿيون سگهن، انهن جي توبھ ايتري خالص ۽ مؤثر آهي، جو ان جي بدولت هو ماديت پرستيءَ جي طوفان مان صحيح سلامت رهيا، الله جي ذات مٿان هنن کي پورو توڪل ۽ ڀروسو آهي ۽ انهي ڪامل ڀروسي سبب هو هن دنيا جي سمنڊ جي خطرن کان بچي، سلامتي سان پار اڪري ويا، هنن کي ڪامل ڪشتيبان جي راهنمائي ملي.

## (٦)

سارِي راتِ سُڄاڻَ، سُودو ڪَنِ صاحِبَ سين،
ٻانهپَ ٻَري ٻيڙِيُون، هَلئِا جوپَ جُوانَ،
پاڙِي پَهلِوانَ، لَحظي مَنجِهہ لَنگهي وِئا.

اهي ساري رات، الله تعاليٰ جي بندگي ۾ بسر ڪندا آهن، اهڙي ريت هو الله سان سودو ڪن ٿا ( انّ الله اشتريٰ من المئومنين انفسهم واموالهم بان لهم الجنة ) اهي بهادر جوان جيڪي ٻانهپ جي رنگ ۾ رنگجي، هن دنيا جا مسافر آهن، انهن جي حالت اها آهي جو هو نفس جي گهري سمنڊ کي بحفاظت پار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا .

## (٧)

ٻانهپَ جو ٻيڙِن ۾، وَکَرُ وِڌائُون،
موتِي مَعرفتَ جا، سَچا سودِيائُون،
اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنبِ، اِيَ ڪَٿِ ڪَٿيائُون،
اُنِين جي آئُون، بَرڪتَ بارُ لَنگهائِيان!

انهن عارفن، عبادت ۽ عبوديت جا سخت مجاهدا ڪري ، ہي دنيا جي لاءِ ثمر گڏ ڪيو آخرت جي دائمي حياتيءَ جي سڪون جي لاءِانهن معرفت جا خالص موتي حاصل ڪيا، اهي تائب من الذنب، يعني جن گناهن کان توبھ ڪئي، انهن ڇڻ تہ ڏوھ ڪيوئي ڪونہ جي مصداق هجن ٿا .

اهي ئي فلاح يافتہ انسان آهن، جن جي برڪت سان اسان جهڙن تهي دامن افراد جي گناهن جو بار هلڪو ٿيندو ( انهن عارفن جي ذريعي، گهٽائي

راه محبت جا سالڪ، جيڪي عبادت ۽ عبوديت جي مجاهدن ۾ پوريان رهجي ويا، اهي سلامتيءَ سان پار ڪري ويندا ) .

**(٨)**

جَنِين سَودي، سَچَ جو، وَکَرُ وِهايو،
بَخِرو لَهُمُ البُشرىٰ جو، اُنين لءِ آيو،
اُنِ کي لالَنَ! لَنگهايو، ساندارو سَمُونڊَ جو.

( اهي خوش قسمت افراد ) جن سموري حياتي حق ۽ سچائيءَ جو دامن هٿان نہ ڇڏيو جڻ ڪ هنن سچ جو ثمر البشريٰ گڏ ڪيو انهن جي لاءِ خوشخبري آهي، بخروا لهم البشريٰ، انهن جي لاءِ ئي فرمايو ويو آهي، محبوب حقيقيءَ اهڙن بصيرت رکندڙ ماڻهن کي، نفس پرستيءَ جو سمنڊ خوش اسلوبيءَ سان طئي ڪرايو آهي.
( اهي افراد آهن جيڪي نفس پرستيءَ جو سمنڊ سلامتيءَ سان پار ڪري محبوب تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، بيت جو پيو مطلب اهو آهي تہ محبوب اعليٰ، پنهنجي لاءِ فنا ٿيندڙ بصيرت ۽ معرفت جي صاحبن لاءِ قيامت جون سختيون آسان ڪيون آهن ) .

**(٩)**

اِيَ گَتِ غَوّاصَنِ، جِنءَ سَمنڊُ سوجهِيائُون،
پيهِي مَنجهِ پاتارَ جي، کاڻِ ميڙِيائُون،
آڻي ڏِنائون، هِيرو لالُ هَٿَنِ سين.

اهو ڪامل عارفن ۽ صاحبان دل حضرات جو ڪمال آهي، جوهُو باطن جي سمنڊ ۾ ٽبيون هڻي اتي جواهرات جي ڳولا ڪن ٿا، ايئن باطني دنيا مان هو پاڻ سان اڻ ڳڻت هيرا ۽ املهہ موتي آڻين ٿا.

**(١٠)**

اَچارا عَمِيقَ جا، گَڏِئا غاوصَنِ،
جَهرِيُون جهاڳِي آئِيا، کارُونيارَ کُنَنِ،



سَمُنڊُ سوجهي جَنِ، آڻي اَمُلَ اولِئا.

انهن عارفن کي نفسي دنيا جي اونهي سمنڊ ۾ انتهائي خوفناڪ ڇولين کي منهن ڏيڻو پيو ۽ خطرناڪ حالات جو مقابلو ڪري، هو آخر ڪار نفس مطمئنہ جي مقام تي فائز ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿيا. باطن جي سمنڊ مان هو بي مثال موتي لعل جواهر پاڻ سان ڪٽي آيا .
( عارفن کي سلوڪ جي سفر دوران، وسيع نفساني دنيا جو مشاهدو حاصل ٿئي ٿو انهن کي نفس ۾ خوفناڪ درندا ۽ جانور وسندي نظر اچن ٿا، جن جي دل ڏاريندڙ آوازن سان ماڻهو ڏڪيو وڃي، نفس جي اندر ۾ موجود اهي بلائون پنهنجو وات ڦاڙي پوري انسانيت کي ڳهڻ جي لاءِ هر دم تيار آهن، ان ڪري عارف ڪامل، ماڻهن کي نفس پرستي جي طوفان کان ڊيڄاريندا رهن ٿا ۽ ان کان بچڻ جي لاءِ رستي جي نشاندهي بہ ڪندا رهن ٿا، انسانيت، عام طور تي نفس جي گهرائي ۾ موجود انهن درندن کان اڻ ڄاڻائي جي ڪري، پنهنجي سياسي اجتماعي ۽ معاشرتي معاملن جي قيادت اهڙن ماڻهن جي حوالي ڪندا آهن، جيڪي انسانن کي حيوانن وانگر ويڙهائڻ جو موجب بڻجن ٿا، عارف ڪامل، ( انسانيت کي، نفس ۾ موجود، انهن خطرناڪ درندن جي باري ۾ خبردار ڪندا رهن ٿا ) .

**(١١)**

وِئا جي عَميقَ ڏي، مُهِ کائو ڏيئِي،
تَنِ سِپُون سوجهي کَڍِيُون، پاتارا پيهِي.
پَسَندا سيئِي، اَمُلَ آکَڙِيُنِ سين.

اهي عارف ۽ عاشق اهڙا آهن، جيڪي پنهنجا ظاهري حواس بند ڪري، باطني حواس سان وحدت جي عميق سمنڊ ۾ داخل ٿي ويا، اهي وحدت جي سمونڊ مان قيمتي موتي ۽ جواهرات ڪيڍي آيا، مادّي هواس کي بند ڪرڻ وارا عارف ئي املهہ ماڻڪن سان پريل هن باطني دنيا جو مشاهدو

ماڻيندا (موتي ۽ ماڻڪن سان پريل اها باطني دنيا، نفس مطمئنہ، قلب سليم ۽ شرح صدر جي دنيا آهي. اهي ٽيئي اصطلاحات قرآن پاڪ جون آهن. هن دنيا تائين رسائيءَ کانپوءِ هن دنيا جي ڪا خواهش ۽ حسرت دل ۾ باقي نٿي رهي، الله جي محبت، کانسواءِ هر شئي اجائي ۽ بيڪار ٿي لڳي. ڪشف، القاء ۽ ٻي دنيا جا مشاهدا پڻ غير ٿا محسوس ٿين ۽ هر صورت ۾ مقصود صرف الله بنجي وڃي ٿو_ )

**(١٢)**

آڏو چِڪَڻُ چاڙُ مَهِجِي موجَ نہ سَهي مَڪُڙِي،
ميڙي مَنايُنِ جو، بيحدِ چاڙهِيُم بارُ،
چَوَچاڙُو ناهِ ڪو، بَدِيُون بي شُمارُ،
ڪَپَرُ ڪارُونيارُ، اُڪارِيين اِحسانَ سين.

( هن ڳالهہ جي تہ ڪا ڳڻ ئي نہ ڪيم تہ ) اڳيان گپ چڪ واري منظر سان واسطو پوندو. منهنجي جسم جي ٻيڙي هن قابل ڪانهي، جو طوفاني موجن جو مقابلو ڪري سگهي، منهنجي حالت اها آهي جو مون سراسر براين جو بار گڏ ڪري رکيو آهي، منهنجا گناهہ بيان کان ٻاهر آهن، اي الله تون ئي آهين جو مونکي هن طوفان مان حفاظت سان پار پهچائين، ( ذڪر ۽ فڪر ۽ صحبت جي ذريعي جڏهن سالڪ، نفس پرستيءَ جي عميق دنيا ۾ ٽٻي هڻي ٿو تہ هن کي نفس جون ڪيئي حقيقتون معلوم ٿين ٿيون، پر عام طور تي ماڻهو، نفس جي انهن معارف تائين نٿا پهچي سگهن، جتي نفسي قوتن تي مڪمل فتح حاصل ڪري سگهجي، هتي ان ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي، گڏوگڏ قيامت جي خوفناڪ مناظر جي بہ عڪاسي ڪئي وئي آهي_ )

**(١٣)**

ويرم لاهي ويہ متي آر اوڙاهہ جي،
پسي پاڙي واريون، ڪج انديشو ايہ،
نہ پوسِينو ڏيهُ، پَتَڻِ هُنَ پارِ مَٽي؟



بي پرواهہ ۽ غافل ٿي نہ ويهہ، اڳيان واري منزل تي پهچڻ تمام ڏکيو ۽ دشوار ترين آهي، مٺ مائٽ، پاڙي وارا ۽ دوست احباب جيڪي توکان ڇڇي ڏار ٿي، هن پار هليا ويا، انهن کي ڏسي بہ توکي ڳڻتي نٿي ورائي؟

( دنيا مان رخصتيءَ جو عمل جاري آهي، جيڪو هن جهان ۾ آيو، هن کي ضرور واپس وڃڻو آهي، جڏهن کان جڳ نهيو آهي، اهو سفر لاڳيتو جاري آهي، واري، واري سان هر ڪو هلندو ٿو وڃي، اڄ هڪڙي جو وارو تہ سڀاڻي ٻئي جو، عزيز واقارب ۽ پاڙي اوڙي وارا تيزيءَ سان وڇڙندا وڃن پيا، روز فرشتا ڪنهن نہ ڪنهن کي وٺيو ٿا وڃن.

وڇوڙي جي هن دل ڏاريندڙ مناظر کي ڏسي بہ، حيرت آهي تہ، ماڻهوءَ جي نفس پرستي جي مصروفيات ۽ مادّي ترقي جي ڊوڙ ۾ ذرو بہ گهٽتائي نٿي اچي، ۽ هن فاني ۽ مختصر حياتيءَ جي آسائش ۽ لذت جي لاءِ، هڪ ٻئي سان تصادم ۽ محاذ آرائي ختم ٿيڻ ۾ ئي نٿي اچي.

**(١٤)**

اڀَنهَئِي اوڙاهَ تي، مَنجِهہ گُهرِ گهاري،
وَسُ تہ ويچاري، تہ ڪا ماڳِ ڏُڪَندِي مَڪُڙِي.

هي مسافر، هر وقت هڪڙي ئي ڳڻتيءَ ۾ ٻڏل آهي تہ سمنڊ جي هن اونهي پاڻيءَ مان ٻيڙيءَ کي ڪهڙيءَ ريت ڪناري تي آڻي ( انهيءَ فڪر سندس ننڊ اڏائي ڇڏي آهي ) ڪيس اهو ڊپ لڳل آهي تہ اهڙي خوفناڪ طوفاني موجن ۾ سندس ڪمزور ٻيڙي ٻڏي نہ وڃي ( نفس جي سرڪش قوتن کان بچي، هر معاملي ۾ اخلاص ۽ ٻي لوٺيءَ جو ثبوت ڏيڻ، حياتيءَ جو هرپل رب تعاليٰ جي رضا مندي جي لاءِ گذارڻ ۽ ان سان مخلص ٿي رهڻ، اهائي وڏي آزمائش آهي، جيڪا هر مؤمن کي درپيش آهي، ان ڪري وڏا، وڏا اولياءَ بہ آخري وقت تائين ڊڄندا ۽ ڏڪندا رهيا )

**(١٥)**

هِڪِي ٻانهي ڇِتَ ۾، ٻِي صاحِبُ سَنواري،

دَنگِي هِنَ درياهَ مان، هَلائي هاڪاري،
تَرازو تاري، سُتَڙِ سَپيئي ڪَري.

هڪ تہ ٻانهي جي سوچ هوندي آهي ( تہ راه سلوڪ جو سفر جلدي طئي ٿئي، يا قبض ۽ بسط جيڪا بدلجڻ واري حالات کان متاثر ٿيڻ کان بچي وڃي، يا وري طالب جي اها سوچ هوندي آهي تہ، خبر ناهي هو سلوڪ جو اڙانگو سفر طئي ڪري سگهندو يا نہ؟ ) پر اهي سڀ سندس خيال آهن، محبوب حقيقي اها هستي آهي، جيڪا انهن حالتن ۾ بہ طالب جي پلائي جي صورت سامهون آڻي، هن جي ٻيڙيءَ کي اهڙي جاءِ تي آڻي بيهاري ٿي جيڪو بهترين مقام آهي_

## (١٦)

هِڪِڙي ٻانهي چِتَ ۾، ٻِڙي سِٽي صاحِبُ،
ڪَڍي اوُنهي ڪُنَ مان، اِي آڳي جو عَجَبُ،
اِيُ سائِينءَ جو سَبَبُ، جِنءَ ٻُڏا اُڪاري ٻارِ مان.

هڪڙي سوچ ٻانهي جي هوندي آهي، جڏهن تہ الله تعاليٰ جي منصوبہ بندي پنهنجي هوندي آهي، اها الله سائينءَ جي ڪريمانہ صفت آهي جو هو ٻانهي کي اونهي ڪن مان يعني نفس پرستيءَ جي ڏٻڻ مان ڪڍي پار اڪاري ٿو، هو پنهنجي خاص ڪرم سان، ٻڏندڙ ٻانهن کي اونهي پاڻيءَ مان سلامتيءَ سان ٻاهر ڪڍي ٿو_

## (١٧)

هِڪِڙي ٻانهي چِتَ ۾، ٻِڙي جا ڪَري اَللهُ،
پڄڻِهيِ ڪُنَ ۾، پاڻِه اُڪاري اوڙاهُ،
تِه واحدَ کي واهُ، جو سُتَڙِ سَپيئِي ڪري.

هڪڙي تہ ٻانهي جي سوچ ۽ منصوبہ بندي آهي، جڏهن تہ اصل ۾ ٿئي اهو ئي ٿو جيڪو الله چاهي ٿو، انسان ڪن ۾ ڦاسي ٿو تہ بہ ان ۾ ربّ تعاليٰ



جي مشيت جو عمل دخل آهي، ڪيس انهيءَ ڪن مان ڪڍڻ جو حڪم بہ ربّ جي طرفان ٿئي ٿو، اها ئي واحد هستي آهي، جنهن جي بي حد واڪاڻ ڪرڻ جڳائي، اهائي پاڪ ذات سيني جي هدايت ۽ رهنمائي جو ذريعو آهي.

## (١٨)

هِڪِڙي ٻانهي چِتَ ۾، ٻِڙي جا اَللهُ ڪري،
پاڻِه وِجهي ڪُنَ ۾، پاڻِه ڪَنڍِيَ ني،
سُتَڙِ سي ڏوئي، جي تَڙَ تَوائِي مَڪُڙا.

هڪڙي بندي جي خواهش هوندي آهي، پر اهوئي ٿيندو آهي، جيڪو الله چاهي ٿو ( سالڪ جي مرضي هوندي آهي تہ هن کي محبوب حقيقيءَ تائين جلد کان جلد رسائي حاصل ٿئي، هن کي گهٽ کان گهٽ وقت مجاهدن ۾ گذارڻو پوي ۽ هو عشق جي بنيءَ مان ڪندن ٿيڻ کان پهرين نڪري اچي، پر ٻانهي جي خواهش سان ڪم نٿو هلي، هن جي اها خواهش پاڻ هن جي لاءِ نقصانڪار آهي، ٿيندو اهو ئي آهي جيڪا الله جي مرضي هجي ٿي ۽ الله جي مرضي اها آهي تہ، سالڪ راه محبت ۾ هلي هلي پچي ڪندن ٿئي تہ جيئن هو نفس، شيطان ۽ مادّي قوتن جي طاقتور حملن کان بچي سگهي ) بيت جي ٻي سٽ جو مطلب آهي تہ سالڪن سان الله جي سنت اها ئي آهي تہ هو انهن کي، نفس پرستيءَ جي ڪن ۾ وجهي ٿو ۽ پوءِ، هن آزمائش مان ڪڍڻ جو بندوبست بہ پاڻ ئي ڪري ٿو_

## (١٩)

هِڪِڙي ٻانهي چِتَ ۾، ٻِڙي ڪري جوڙَ جَبارُ،
ڪَڍي اُونهي ڪُنَ مان، اِي اَڳي جو آڌارُ،
جَهازُ جوهَرِيَنِ جو، تِه پڪئُ نہ ڏي پَتارُ،
ڏَنيا وَڏا مَڪُڙا، سَپِ پَسَندا پارُ،
جيڏاهُ مُه مَدِيني جو، سُڄي مُحمّدُ موچارُ،

ياالله! پنهنجي ٻاجهہ ۽ مهر ڪر اسان تي، توکان سواءِ ڪو سهارو نٿو ڏسجي، اڻ ڳڻت ڏوهہ ڪيا اٿم. تنهنجي ٻاجهہ جو آسرو آ. خبر ناهي تہ قبر ۾ ڪهڙو حال ٿيندو.

يا ”والي“ اچي اسان جي مدد ڪر. انسان سرڪشي جي انتها تي اچي پهتا آهن. اي سڀاجها سپرين! اسان جون التجائون ٻڌ! تنهنجي ٻاجهہ جا منتظر آهيون.

اسان جا ڏوهہ ڏسي جيڪر، شيطان بہ شرمائجي وڃي، اڄوڪو انسان ماديّت ائين فدا ٿو ٿئي، جو حيوان بہ حيرت ۾ آهن. ٻاجهہ ڪر يا الاهي!

نفس جي طاقتور ڇولين طوفاني شڪل اختيار ڪئي آهي، اي (سبحان) پاڪ ذات تون ئي اسان کي سنئين واٽ تي آڻ.

ماڌي خواهشن جي هن سمنڊ ۾ هلندي، ٻيڙي بہ ٻڏي پئي، اي رحمان تون ئي پهچي واهر ڪر_

جيڪو ٻڏندڙ جو سهارو آ. شال مون وٽ اچي مدد گار ٿيئي، هڪ پينو فقير وانگر خالي جهولي جهلي وينو آهيان. يا الاهي! ٻاجهہ جي نظر ڪر_

اي خالق تو پنهنجي غلامن تي ڪروڙين ڪرم ۽ اڻ ڳڻت احسان ڪيا آهن. آئون پڻ انهن ۾ انڌن وانگر وينو تنهنجي ٻاجهہ پنان_

جيڪي بہ سوالي هئا اي داتا! تو سيني کي نوازي ڇڏيو . پنهنجي ڪرم سان فيضياب ڪيو جيڪي بي سهارا هئا. سڀ تنهنجي سخا سان سگها ٿيا. متان مون کي اڪيلو ڇڏين اي مالڪ! مون تي ٻاجهہ ڪر_

سيني مشڪلن ۽ مونجهارن ۾ تون ئي واهر وسيلو آهين. قيامت جي ڏينهن ڏوهارين کي تنهنجي عرش جي ڇانو کانسواءِ ٻيو ڪو آسرو ڪونہ هوندو.

عبداللطيف چوي ٿو اي سلطان! اتي اسان جي فرياد ٻڌ ۽ اسان تي پنهنجي مهر ۽ ٻاجهہ ڪريا الاهي!

(۱)



کُوها ڪالَ ڪَٽِي اُنِ وِڏا اُتَرَ آسَرِي،
اَلا! جُهري مَ اُنِ جي، اولي جِي آڏِي،
وَڏِجارَنِ وَٽِي، وَکَرُ وِڏو ٻيڙِيين.

راه جي مسافرن، ڪالهہ ئي ان جي آسري تي پنهنجو سفر شروع ڪيو آهي، يا الاهي! پنهنجي محبت جي انهن پانڌيئڙن کي، سفر ۾ درپيش خطرن کان بچاءِ، انهن جي حفاظت فرماءِ، مسافرن ٻيڙين ۾ بار ڀريو آهي، انهن جي ٻيڙيءَ کي ٻڏڻ کان بچاءِ. يعني ( الله جي طالبن، پنهن جون توانائون الله جي محبت ۾ خرچ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن )

(۲)

وَکَرُ سو وِهاءِ جو پَنِي پُراڻُون نہ ٿِيي،
وِيچيندي لاتِ ۾، ذَرو ٿِيي نہ ضاءِ،
سا ڪا هَٽَ هَلاءِ، اَڳَهِ جِه جي اُبَهين.

توکي اهو ئي واپار ڪرڻ گهرجي، جيڪو ٻي حياتيءَ ۾ توکي ڪم اچي، ۽ جيڪو واپار جو سامان ٻي دنيا ۾ وڪڻندي ذرو بہ ضايع نہ ٿئي، اهڙي ڪا منصوبہ بندي ڪر، جنهن جي بنياد تي آخرت ۾ ڇوٽڪارو ملي_

(۳)

رِيائِين آڏِيلونِ، ميڙِيو مُعَلِمَ خَبَرُون،
سا تان سُدِ نہ ڏِينِ، جِتي وَهُ ويڌ ڪَري.

علم وارا، ساموندي دنيا جي سامهونءَ واري ڪناري تان، پاڻي جي گهرائيءَ جي خبر ڏيڻ ٿا پر، وچ سمونڊ ۾ جتي پاڻيءَ جون اونهيون موجون ۽ خطرناڪ ڇوليون آهن، ان جي اطلاع هو مونکي نٿا ڏين_

(۴)

ٻيڙِي، تُهِجِي ٻاجهَ، وَکَرُ تِه وِصالَ جو،
کوها، اولا، توڪِئا، سَپِ سُونهارا ساجَ،
اُتِ ڪا مُعَلِمَنِ حاجَ، جِتِ پوُرَڻَ وارو پاڙِهِمَ.

ٻيڙي تنهنجي ئي آسري تي هلي رهي آهي، ان ۾ جيڪو سامان آهي، اهو تنهنجي وصال جو ئي سامان آهي، يعني الله جي طالب وٽ ٻانهپ جي مظاهر، عبديت جي سامان کان سواءِ ڪجهه نٿو هجي، طالب جي هن سموري سازو سامان کي تو ئي حسن جو موجب بڻايو جتي محبوب حقيقي پاڻ رهنمائي ڪرڻ وارا هجن، اتي معلم ٻيڙي هلائڻ واري جي ڪهڙي گهرج؟_

## (٥)

ٻيڙي پُراڻي، وَڪَرُ پاءِ مَ وِتَرو،
تَري ۾ تُنَ لِهِئِ پاسَنئُون پاڻِي،
هِيءَ هَڏِ هاڻي! ڪَڙهُ ڪالُوٺي ڏِيهَ ڪي.

تنهنجي جسم جي ٻيڙي پراڻي ٿي وئي آهي، هن ۾ گهڻي سامان جي گنجائش ڪانهي، هن جي تري ۾ سوراخ بہ ٿي ويا آهن، پاسن کان پاڻي بہ داخل پيو ٿئي، هيستائين جيڪو وقت گذريو سو گذريو، هاڻي سياڻي جي ڳڻتي ڪر.

## (٦)

تَري تُنَ پِياسِ پاسَنئُون پاڻِي وَهي،
ڪُوهو جُهرجُهنُو ٿِئو، لاڄُو سَپِ لَڙِياسِ،
جيلاهِ سَڌَرُ سُڪاڻِياسِ، وَهي تي وَهَ سامُهُون.

تنهنجي ٻيڙيءَ ۾ سوراخ آهن، پاسن کان پاڻي بہ داخل ٿي رهيو آهي، ٻيڙي پراڻي ٿي وئي آهي، هنجو ٻيو سازو سامان بہ جهونو اچي ٿيو آهي. هن جي حالت کي سڌاري صحيح ڪر، سامهون ڪيس، وڏي وهڪري کي منهن ڏيڻو آهي.

## (٧)

وينو تُنَ تُنِينسِ، مَڪِ ڏِيهاڙِي مَڪُڙِي،
سَنباهي سَيِّدُ چي، مَٿي نيڌُوءَ نِينسِ،
وَٿائي وَڏاندَرا، لاڄُو لَڳائِينسِ،
آخَرِ اُهِرائِينسِ، تہ جوکو ٿِيي نہ جَهازَ کي.



ٻيريءَ جا سپ سوراخ بند ڪر، هن کي روز تيل مکي تيار ڪر_ مضبوط رسن سان هن کي ٻڌي قابو ڪر، پوري طرح تياريءَ سان، ٻيڙيءَ کي سمونڊ ۾ ڪٽي وڃ، چڱي طرح تياري کان پوءِ سفر ڪر تہ جئين (جسم جي ٻيڙي) دنيا جي سمونڊ جي خطرن کي پار ڪري سگهين، نفس کي روزانو ذڪر ۽ فڪر، جي خوراڪ ڏيڻ لازم آهي، ان کان سواءِ ان جي سرڪشيءَ ۾ گهٽتائي نہ ايندي، مبتدي جو نفس تہ گهڻو طاقتور هوندو آهي، هن کي نفس جي طاقت جي روز کي توڙڻ جي لاءِ، وڏيڪ مجاهدن جي ضرورت پوندي آهي، متوسط انوار الاهي جي اثر هيٺ، قابل ذڪر حد تائين نفس تي قابو پائي چڪو هوندو آهي، پر نفس کي چڱي طرح سڌارڻ جي لاءِ وڌيڪ مجاهدن جي ضرورت هوندي آهي، "منتهي" جيتوڻيڪ نفس کي گهڻي حد تائين سڌاري چڪو هوندو آهي. تاهم جيڪڏهن اهو بہ روزانو نفس کي ذڪر ۽ فڪر جي خوراڪ ڏيڻ بند ڪري ڇڏي تہ، سڌريل نفس بہ ٿوري گهڻي سرڪشي ڏيکارڻ جي ڪوشش ضرور ڪندو_

## (٨)

تُنَ تُنِيندو آءُ، مَڪِ ڏِيهاڙِي مَڪُڙِي،
سانباهِي سَمُونڊَ جِي، مَنا مورِ مَ لاهِ،
اَڄ ڪِ سَنجِهه صُباحِ، اُهِرَنِدي اَتانگَ تَڙِين.

ٻيڙيءَ جا ٽنگ (سوراخ) ڪٽي ڪيڏا ئي معمولي ڇو نہ هجن، هنن کي بند ڪندا رهو ٻيڙيءَ کي روز تيل بہ مکيندا رهو. سمنڊ جي اونهائيءَ کي سدائين نظر ۾ رکجي_ ڪٿي دل تان سمنڊ جي اونهائيءَ جو خيال هلڪو نہ ٿي وڃي، اڄ يا سڀاڻي، هن ٻيڙيءَ کي سمونڊ جي انتهائي گهرائي ۾ داخل ٿيڻو آهي، ان ڪري سمنڊ جي تيز ڇولين کي منهن ڏيڻ جي لاءِ، ٻيڙيءَ جي بهتر، مضبوطيءَ جي فڪر ۽ ڳڻتي ڪرڻ ضروري آهي_ (هتي شاهہ

اهڙا ماڻهو جيڪي الله وارن جي صحبت جي ذريعي، عبادت ۽ عبديت جي راه تي گامزن آهن. انهن جي لاءِ نفس ۽ماديت جي سرڪش لهرن جو مقابلو ڪرڻ ڏکيو ضرور آهي پر نا ممڪن ناهي_ تيون نڪتو. شاه صاحب اهو بيان ڪيو آهي تہ معلم جي معيت سان گڏو گڏ الله جي خالص فضل ڪان سواءِ ساموندي قزاق ڪان بچڻ تمام گهڻو ڏکيو آهي _

آخرت جي تياري جي لاءِ فڪر مند ٿيڻ ۽ ان جي لاءِ اڳواٽ ڳڻ ڪرڻ ضروري آهي، چاڪاڻ تہ اي غافل انسان! هتي توکي خوفناڪ طوفانن کي منهن ڏيڻو پوندو. غفلت ۽ لاپرواهي کي ڇڏي ڏي، غفلت جي ننڊ توکي طوفان ۾ لوڙهي ڇڏيندي_

## (۱۳)

وَڪَرُ وَڻِجارا! پاڻَ پَرائو چاڙِهئو،
اُڇِي لَهِرِيُون لَڳيُون، ٻيڙِيَ ٻِپارا،
جاڳو جي، يارا! تہ تَڙِ تَوائِي نہ ٿِيي.

اي راه جا مسافر! طوفاني لهرون آهن. پاڻي ٻيڙيءَ ۾ داخل ٿيڻ جا رستا ٿو ڳولهي، سرڪش ڇولين جي حصار ۾ ٻيڙي ڦاٿل آهي، سجاڳ ٿي تہ خطرن کان بچي سگهين_

## (۱۴)

ٻيڙِ ياتا! ٻيي، تو نہ ڦَٻنَدِيُون ڳالَڙِيُون،
سَڄِيُون راتِيُون سُمَهين پَرُ سُکاڻَ ڏيئِي،
صُباح سَپيئِي، پارِ پُڄَندَءِ خبَرُون.

اي مسافر! توکي ٻن مان هڪڙي شئي چونڊڻي پوندي يا. غفلت ۽ لاپرواهيءَ جي روش. يا سجاڳ ٿي حالات سان مقابلي جي لاءِ تيار رهڻ. افسوس جي ڳالهہ تہ اها آهي تہ توکي سمنڊ جي طوفاني موجن سان واسطو پوڻ وارو آهي، ۽ تون سک سان سمهيو پيو آهين. توکي قيامت واري ڏينهن. الله تعاليٰ جي سامهون، حياتيءَجي هڪڙي هڪڙي پل جو حساب ڏيڻو آهي



۽ تون، پنهنجي قيمتي حياتيءَ جا املهہ پل، غفلت جي ننڊ ۾ وڃائين ٿو. سڀاڻي توکي ان جو حساب ڏيڻو پوندو_

## (۱۵)

وَهَ تِکَ وَهَڪُرا، جِتِ نَنگَرَ نَہ ٺَهِرَنِ،
وَڏاندَرِيُون وَهَ سامُهِيُون جي جهورِ جُنَبنِ،
نيئِيُوءَ ۾ ناتارِيُون، وَڻِجارا وِجهَنِ،
مُلا مُعَلِمَنِ، مون ڳَرِي سُئِي ڳالَڙِي.

سمنڊ جي سخت طوفاني لهرن ۾ جهاز جي اها حالت آهي،جو هو لهرن جي شدت کان بچڻ لاءِ ( بجاءِ آهستي ۽ آرام سان هلڻ جي ) تيزيءَ سان روان دوان آهن. رستي ۾ ٻيهڻ جو نالو ئي نہ ٿا وٺن. وڏيون ٻيڙيون بہ تيز وهڪري کان بچندي، خطرن جو مقابلو ڪندي هلي رهيون آهن. ملاح، ٻيڙيءَ جي توازن کي قائم رکڻ لاءِ لوهہ جو ڳرو سامان وجهي ٿا هلن ( تہ جيئن موجون، هلڪو ڏسي ٻيڙيءَ کي اڇلائي اونڌو نہ ڪن ) مون تہ ساموندي معلمن (چاڻو) کان ساموندي خوفناڪ طوفانن جون خبرون ٻڌيون آهن_

## (۱۶)

وڻجارا ويئي، تو نہ سرندي شاه ري،
مک پهجي مڪڙي، چڳي ڪر چيتي،
پاسا پاڪڙين جا، سمنڊ تو سيڪي،
جي لندا ۾ ليکي وير وڙهندي تن سين.

اي وڻجارا! سمنڊ کي پار ڪري، ٻي ڪناري تائين پهچڻ ڪانسواءِ تنهنجو چاڙهو ڪونهي، ( چو تہ تنهنجي واپار جو انحصار ئي، ٻي بندرگاهہ تي آهي ) ان ڪري، ٻيڙيءَ جون سڀ ڪمزوريون ۽ خاميون دور ڪري ان

كي مضبوط ڪر چو ته سمنڊ جون خطرناڪ طوفاني لهرون پاسن کان ٽڪرائينديون، جيڪي ڪمزور حصا آهن، پهرين اهي متاثر ٿيندا_

( سمنڊ جي طوفانن کان بچڻ جي لاءِ شاهه صاحب جي بيتن اصل مقصود، نفس پرستيءَ جي سمنڊ ۾ ٻڏڻ کان بچاءُ جي ڪوشش ڪرڻي آهي، ڇاڪاڻ ته دنيا جي سمنڊ ۾ ٻڏڻ سان ته رڳو موت واقع ٿي سگهي ٿي، جڏهن ته نفس پرستيءَ جي سمنڊ ۾ ٻڏڻ سان دين، دنيا ۽ ٻنهي جهانن جي حياتيءَ جو خسارو آهي، دنيا ۽ آخرت جي تباهي آهي.

نفس جي خلاف شاهه صاحب جي انهن تاڪيدي اشعارن جي سبب هتي نفس جي ڪجھ خصوصيات جو ذڪر ضروري آهي، جنهن ۾ اسان مان تقريباً هر ڪو ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ مبتلا آهي.

نفس جي هڪ وڏي خصوصيت اها آهي ته هو دولت جي معاملي ۾ هَل من مزيد، جو حريص آهي_ عمر جي وڌڻ سان گڏو گڏ ان جي هن حرص ۾ بجاءِ گهٽتائي جي واڌارو ايندو رهندو آهي_ موجوده دؤر جي هڪ ممتاز مغربي ماهر نفسيات جي بقول انسان جي حرص جي اها حالت آهي، جو جيڪڏهن هڪڙي موچيءَ کي ڪائنات جو اڌ خزانو به ملي وڃي ته هو بجاءِ ان تي مطمئن ٿيڻ جي، باقي اڌ خزاني جي حصول جي لاءِ ماڻهن سان جنگ ڪندو رهندو_

نفس جي ٻي خصوصيت اها آهي ته هو معاشري ۾ ممتاز بڻجي رهڻ چاهي ٿو هن کي عهدو يا اقتدار ملندو آهي ته هو ان تي قناعت ڪرن بدران، مزيد اقتدار جي لاءِ ڪوشش ڪندو آهي، اقتدار جي بک جي معاملي ۾ هو ايڏو اڳيان وڌي ٿو وڃي، جو پنهنجي اقتدار جي لاءِ هو لاشن جا ڍير لڳائڻ کان به نٿو ڪيٻائي، پنهنجي اقتدار جي رستي ۾ حائل افراد کي فنا ڪندي دير نه لڳائيندو . سموري انساني تاريخ، هن نفسياتي خصوصيت جي شاهد آهي، اهڙي طرح نفس جي هڪ اهم خصوصيت، مادي حسن تي فدا ٿيڻ آهي ۽ روزانو حسن جي نئين شڪل و صورت جو مشاهدو ڪرڻ آهي_ نفس جون ڪجھ ٻيون به خصوصيات آهن جن جو ذڪر ڪجي ته بيان ڊگهو ٿي ويندو، نفس جون اهي خصوصيتون تقريباً هر فرد جي نفس ۾ موجود آهن، افراد جي اڪثريت کي، نفس جي انهن



خصوصيات جي اظهار جو موقعو گهٽ ملندو آهي، جن کي اهي موقعا ملن ٿا، اهي هن جو ڀرپور مظاهرو ڪن ٿا، ٻيا مجبوريءَ ۽ بيوسيءَ جي ڪري، اندروني طور بيچين رهن ٿا، شاهه صاحب جو نفس جي خلاف، صداءِ احتجاج جو بنيادي ڪارڻ اهو ئي آهي.

علي اڪبر راهمون

# برما جي مسلمانن جي حالت زار

عباسي خليفي معتصم بالله جي دور جو واقعو آهي، ته عموريه جي عيسائي رياست ۾ ڪنهن هڪ عيسائي، مسلمان عورت کي ٿڦڙ هنئي، ويچاري مظلوم عورت روئندي پڪاريو ڪاش! اڄ اسلامي حڪومت هجي ها ته هيءُ برو ڏينهن ڏسڻو نه پوي ها.

خليفي جي دربار ۾ جيئين ئي هيءِ خبر پهتي، ان پنهنجي لشڪر کي عموريه جي رياست تي چڙهائي جو حڪم صادر ڪيو دربار جي نجومي چيو! ته اڄوڪو ڏينهن منحوس آهي. انڪري لشڪر ڪشي جي لاءِ مناسب ناهي، ورنه ته لڙائي ۾ هار جو منهن ڏسڻو پئجي سگهي ٿو. خليفي فرمايو! ته ڪجھ به ٿي وڃي، ان جي پرواهه ناهي، هڪڙي مسلمان عورت پڪاريو آهي، ان جي پڪار مون تائين پهتي آهي، هاڻ جيڪڏهن آئون دير ڪندس ته صبحاڻي قيامت جي ڏهاڙي خدا جي دربار ۾ ڪهڙو جواب ڏيندس؟ جڏهن هو پڇندو ته توکي هڪ مظلوم مسلمان عورت فرياد ڪئي، پوءِ تو ان جي مدد ڪرڻ ۾ دير ڇو ڪئي؟ قصو مختصر ته خليفي هڪ لک فوج سان عموريه تي چڙهائي ڪئي، فتح حاصل ڪرڻ کانپوءِ خليفي جي حڪم تي اها عورت ڳولهي لڌي ويئي، جڏهن اها خليفي جي حضور ۾ پيش ڪئي ويئي ته ان اطمينان جو ساهه کنيو.

اهو هو مسلمان امت جو قومي ڪردار ۽ مسلمان حاڪمن جي قومي غيرت، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪنهن هڪ مسلمان سان ظلم ۽ زيادتي ٿيندي هئي ته اهڙي خبر ٻڌڻ سان ئي مسلمان حاڪمن ۾ ملت واحد ۽ اخوت اسلامي جو جذبو پڙڪو ڪائي جاڳندو هو ايستائين چين ۽ سڪون سان نه ويهندا هئا، جيستائين ان مظلوم ڀاء جي ڪا مدد نه ڪن. پوءِ ڀل ته هن مقصد جي واٽ ۾ ڪجهه به ڪرڻو پوي، ان جي پرواه نه ڪندا هئا.

اها هئي سيني نبين جي سردار نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي هڪڙي حديث پاڪ جي عملي صورت، جنهن مطابق پاڻ ڪريم فرمايو ته المومن للمؤمن ڪالجسد الواحد. يعني سڀ مؤمن پاڻ ۾ هڪ جسم وانگر آهن، پوءِ جيئن جسم جي ڪنهن هڪ عضوي ۾ تڪليف جي شڪايت ٿيندي آهي ته اها سڄو جسم محسوس ڪندو آهي.

نهايت افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اڄ فلسطين، ڪشمير بوسينيا، عراق ۽ افغانستان جي مسلمانن کان وٺي ڪري، برما جي روهنگيا مسلمانن تائين سڀ جا سڀ ظلم ۽ بربريت جي گهاڻي ۾ پيڙهجي رهيا آهن، دنيا جون سامراجي قومون انهن جو الهه تلهه ناس ڪري رهيون آهن، انهن جا معصوم ٻچا سندن اکين آڏو کهي جلايا پيا وڃن، انهن جي جوانن کي سندن اڳيان گولين جو بک بنايو پيو وڃي، انهن کي لڏڻ ۽ جلاوطن ٿيڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي، انهن مظلوم مسلمانن جون دانهون، ڪوڪون، فريادون ۽ پڪارون عالمي ميڊيا ذريعي اسان جي ڪنن تائين پهچي رهيون آهن، انهن جا روز نوان نوان المناڪ داستان پڙهون، ٻڌون ۽ ڏسون پيا پر اسان سيني مسلمانن جو ضمير الاهي ڇو جاڳي ئي نٿو؟ ڪيڏانهن ويئي اسان جي قومي غيرت؟ ڪيڏانهن ويو اسان جو اسلامي اخوت جو جذبو؟ ڇا اڄوڪي دور ۾ ذلت ۽ خواري مسلمانن جو مقدر بنجي چڪي آهي؟ يا اها اسان جي نا اتفاقي ۽ اجتماعي غفلت جي سزا آهي.؟



تازيون خبرون آهن ته برما جي مسلمان اقليت اڄڪلهه ظلم ۽ بربريت جو نشانو بڻيل آهي، برما ۾ انساني الميي جو هڪ نئون داستان لکجي رهيو آهي، جنهن جو مختصر احوال هن ريت آهي، ته برما جو ملڪ انڊيا جي اوڀر ۾ بنگال نار جي ڪناري تي واقع آهي، هن جي اتر اولهه جي سرحد بنگلاديش سان پڻ لڳي ٿي، 1948ع ۾ هن ملڪ کي برطانوي انگريزن کان آزادي ملي آهي. دنيا جي جديد نقشي ۾ برما کي ميانمار جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. آدمشماري پنج ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهي، اڪثريتي آبادي جو مذهب ٻڌمت آهي، جيتوڻيڪ مسلمان هن ملڪ ۾ اقليت ۾ آهن پر ٻڌمت کان پوءِ هن ملڪ جو سڀ کان وڏو مذهب اسلام آهي. روهنگيا نسل جي مسلمانن جي اڪثريت هن ملڪ جي ڏاکڻئن صوبي راڪائين ۾ آباد آهي، جيڪي ڪئي صديون پهرين بنگال مان لڏي هتي وڃي آباد ٿيا، ان وقت هيءَ علائقو غير آباد هو روهنگيا مسلمانن هن کي آباد ڪيو ۽ پنهنجي محنت ۽ سخت پورهيي سان زرخيز بنايو. اڄوڪي دور ۾ اهي مسلمان برمي ٻڌين جي هٿان سخت ظلم ۽ بربريت جو شڪار بڻيل آهن، پهريون پيرو ٻڌمت جي پيروڪارن ۽ روهنگيا مسلمانن وچ ۾ جهيڙن ۽ فسادن جي شروعات 1940ع کان ٿي هئي، جڏهن اڃا برما انگريزن جي قبضي هيٺ هو 1960ع جي ڏهاڪي ۾ انهن جي وچ ۾ تڪرار ۽ ڦڏي فساد اڃان به وڌيڪ زور ورتو جڏهن هڪڙي سوچيل سمجهيل سازش تحت ٻڌمت جي هٿان ڌرم مٽائي اسلام قبول ڪندڙ ڪجهه ڇوڪريون ماريون ويون، ان ڏينهن کان وٺي هن ملڪ ۾ جيڪا مذهبي بنياد تي باهه پڙڪي آهي، سا اڃان تائين اجهامڻ جو نالو ئي نٿي وٺي. 1982ع کان ميانمار سرڪار مسلمانن کي پنهنجي وطن مان نيڪالي ڏيڻ لاءِ برمي شهريت کان به محروم ڪري ڇڏيو آهي ۽ روهنگيائي مسلمان لکڻ ۽ سڏائڻ پابندي مڙهي، بنگالي مسلمان جو انهن تي ليبل لڳائي ڇڏيو آهي، ان وقت کان وٺي ڪري اڄ تائين اهي بي وطن

مظلوم مسلمانن برما جي ڏاکڻين صوبي راکائين جي ڪئيمپن ۾ جانورن کان بہ بدترين زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. ميانمار فوجي آمريت جڏهن 2010ع کان ملڪ جو نئون آئين نافذ ڪيو آهي. ان وقت کان وٺي ڪري برمي مسلمانن جي اٽڪل 12 لک آبادي ٻڌمت جي پيروڪارن جي هٿان ظلم ۽ بربريت جي گهاٽي ۾ پيڙهجي رهي آهي، اهي برمي مسلمان نہ رڳو بک، بدحالي جي بدترين زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيا ويا آهن، بلڪ ان سان گڏ نسل ڪشي جي صورتحال ۾ پڻ گهيريل آهن. ميانمار سرڪار جي ئي آشيرواد سان 2012ع ڌاري ٻڌي پيروڪارن پنهنجي وطن جي ئي رهاڪو مسلمانن جي ڳوٺن تي وحشياڻا حملا ڪري، ٻاهيون ڏنيون ۽ معصوم مسلمانن جو ناحق رت وهايو. انهن وڳوڙن ۾ اٽڪل 170 کن مسلمان مرد عورتون ۽ ٻار نهايت بي دردي سان ماريا ۽ ساڙيا ويا، باقي بچيل مسلمانن کي لڏ پلاڻ تي مجبور ڪيو. هڪڙي سروي رپورٽ مطابق هيستائين تقريباً 140000 برمي مسلمان مجبور ٿي ڪري پنهنجا گهر ٽڙ ڇڏي هجرت ڪري ٿائيليند ۽ ملائشيا جي ڪئيمپن ۾ پناهہ گير آهن. جن کي ڪو بہ ملڪ شهريت ڏيڻ ۽ قبولڻ لاءِ تيار ناهي، رڳو هن سال 2015ع ۾ جنوري کان وٺي مارچ تائين 25 هزارن کان وڌيڪ سماجي ناانصافي جو شڪار ستايل برمي مسلمان زندگي کان تنگ اچي ڪري، پناهہ جي تلاش ۾ ٿائيليند، ملائيشيا ۽ سينگاپور جا خواب سانديي برما مان نڪتا. وڏن وڏن ٻيڙن ۾ سٽجي پنهنجو پاڻ کي خطرناڪ ساموندي لهرن جي حوالي ڪيو. جيڪي اڃان تائين سمنڊ جي وچ سير ۾ ڦاٿل آهن، ڪو بہ ملڪ پنهنجي حدن ۾ گهڙڻ جي انهن کي اجازت نٿو ڏيئي، ڪيئي ڏينهن کان انهن جي زندگي ٻيڙن تائين محدود آهي، ڇا انهن جي درد ۽ تڪليف جو اندازو ڪنهن کي آهي، ؟ ڪيڏانهن ويون انساني حقن جون تنظيمون ؟ ڪٿي آهي مسلمانن جو اجتماعي ضمير؟ ڪٿي آهي انماالمؤمنون اخوة ( بيشڪ مؤمن سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهن ) يعني اسلامي



اخوت جو جذبو؟ سڀ کان وڏو ظلم هيءُ ٿيو آهي تہ اهي ويچارا ستايل بي گهر مسلمان انساني سمگلرن جي ور چڙهي ويا، جن انهن کي يرغمال بنائي، باندي بنائي، مختلف ملڪن ۾ وڪرو ڪري وڏو ناڻو ڪمايو. هن وقت جڏهن ڪجهہ عالمي ميڊيا جون ٽيمون انهن بحري جهازن تائين پهتيون آهن تہ اهي انساني سمگلر هزارين مسلمان مهاجرن سان سٽيل ٻيڙا انڊيمان ٻيٽن ويجهو سمنڊ ۾ بي يارو مددگار ڇڏي فرار ٿي ويا آهن. جيڪڏهن انهن جي فوري مدد نہ ڪئي ويئي تہ پڪ سان اهي مظلوم مسلمان ٻڏي يا بک وگهي مري ويندا.

اصل ۾ انساني تباهي جو هيءُ الميو ان وقت منظر عام تي آيو. جڏهن ٿائي حڪمرانن ڏکڻ ٿائيليند ۾ اغوا برائي تاوان جي غير قانوني ڪئيمپن تي ڇاپو هڻي، انهن خلاف ڪاروائي ڪئي، جنهن دوران هڪڙي ڪئيمپ ۾ اجتماعي قبرون لڌيون ويون، جن ۾ برمي مهاجر مسلمانن جا ٽيٽيهہ لاش هڪڙي قبر ۾ سٽيل لڌا ويا، ۽ انڊمان ٻيٽن ۾ اسملنگ نيٽ ورڪ جو سراغ لڳائڻ وارن صحافين جون رپورٽون ميڊيا تي پڌريون ٿيون تہ ٿائي ڪئيمپون ملائشيا وڃڻ وارن تاريڪين وطن روهنگيا مسلمانن جون انتظار گاهون آهن. گذريل سالن ۾ هزارين روهنگيا مسلمانن کي ملائشيا ۾ پناهہ پڻ مليو آهي. جتي هو برما جي ٻڌين جي ظلمن کان بهرحال پاڻ کي محفوظ محسوس ڪن ٿا. ڪجهہ خابرو ادارن جون رپورٽون آهن تہ تارڪين وطن روهنگيا مسلمانن کي ملائشيا ۾ ڪم ملڻ جا خوشنما خواب ڏيکاري انساني سمگلر دوکي سان وٺي وڃن ٿا، جن کي ٿائي ڪئيمپن ۾ يرغمال بنايو ويندو آهي، ايستائين انهن کي آزادي ڪونہ ملندي آهي، جيستائين سندن رشتيدار ٽي هزار ڊالر جي رقم فيڪس ڀنگ ڀور ادا نہ ڪندا آهن. بين الاقوامي تنظيم برائي مهاجرين جي ترجمان جي رپورٽ موجب جن ماڻهن جو ڀنگ ادا نہ ڪيو ويندو آهي، انهن کي

وحشياڻي تشدد جو نشانو بنايو ويندو آهي، ڪاڏو پيتو انهن جو بند ڪيو ويندو آهي، جنسي زيادتيون ڪيون وينديون آهن، آخرڪار قتل ڪري ڇڏيو ويندو آهي. بين الاقوامي تنظيم برائي مهاجرين جي هڪڙي تخميني موجب تہ انساني سمگلرن روهنگيا مسلمانن جي واپار م هڪ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ 25 ڪروڙ ڊالر ڪمايا آهن. هاڻ جڏهن ٿائي ڪئيمپون بند ٿي چڪيون آهن ۽ ٻيا ويجها ملڪ انهن برمي مهاجرن کي قبولڻ ۽ پناهہ ڏيڻ کان انڪاري آهن، ايستائين جو انهن کي پنهنجي ملڪن جي حدن ويجهو اچڻ بہ نٿا ڏين تہ سمگلرن جي پئيسي ڪمائڻ جو ذريعو بند ٿي چڪو آهي ان ڪري اهي سمگلر روهنگيا مهاجرن سان سٽيل ٻيڙا سمنڊ جي وچ سير ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا آهن .

دنيا ۾ دک درد ڪهاڻي، هر هڪ فرد جي زندگي سان لاڳا پيل آهي، پر ان جو احساس ۽ تجربو هر هڪ جو الڳ الڳ آهي، درد جي شدت ۽ ڪيفيت جو اندازو اهو ئي لڳائي سگهي ٿو جنهن تان اهو گذري ٿو چوندا آهن، جتي سڙي اتي جلي، هن کان وڏيڪ ٻيو ڪهڙو دک درد ٿي سگهي ٿو. جيڪو روهنگيا مسلمان برما ۾ ڀوڳي رهيا آهن.؟ برما جي اڪثريتي آبادي پاڻ کي گوتم ٻڌ جي پيروڪار سڏائي ٿي، پر ڪٿي آهي شهزادي سڌارٿ گوتم ٻڌ جو دک ؟ درد ۽ زندگي جي رشتي جو فلسفو "سروم دکم دکم" ۽ ڪٿي آهي ٻڌمت جي پيروڪار برمي اڪثريت جو ڪردار؟ گوتم ٻڌ جي اصلي مت ۾ تہ سائو پن لتاڙڻ بہ پاپ آهي، پر برمي ٻڌين جو حال هيءَ آهي تہ هو انسان جو ناحق رت وهائي، چنگيز خان ۽ هٽلر جهڙن جڳ مشهور ظالمن جي تاريخ کي ورجائي رهيا آهن.

قصو مختصر تہ جڏهن اسين مسلمانن جي تاريخ جو مطالعو ڪريون ٿا تہ معلوم ٿئي ٿو تہ هڪڙو زمانو هو جڏهن اسپين ۽ افريقا جي ڏاکڻين ڪنارن کان وٺي، چين جي اوڀر ڪنڌيءَ تائين اسلام جو يڪ رنگو جهنڊو



ئي ڦڙڪندو هو ڪٿي بہ ڪو ستايل رڙڪندو هوءِ تہ مسلمان حاڪم بر وقت ان جي فرياد رسي لاءِ پوري لائو لشڪر سان اتي پهچي ويندا هئا، تيستائين نہ موٽندا هئا، جيستائين ان مظلوم کي انصاف وٺي نہ ڏيندا هئا، سوال ٿو پيدا ٿئي تہ مسلمانن جي تاريخ جي پهرئين دور ۾ ائين هو، آخر ان جا ڪارڻ ڪهڙا هئا؟ ۽ هاڻ مسلمان قوم جي اجتماعي بي حسي جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ بس، رڳو هيءَ ڪارڻ هو تہ ان وقت مسلمان الله تعاليٰ جي حڪم، واعتصموا بحبل الله جميعا ولا تفرقوا، ( سڀئي گڏجي الله جي رسي کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو ۽ ٽولا ٽولا نہ ٿيو ) تي پوري طرح عمل پيرا هئا، مطلب تہ منجهن اتحاد هو ٻڌي هئي، يڪجهتي هئي، رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي سيرت انماالمؤمنون اخوة جي پوري طرح پيروي ڪندڙ هئا، يعني منجهن اخوت اسلامي جو جذبو هو اسلامي قومي ڪردار هو پوءِ جڏهن اڳتي هلي اهي خود غرضي، دنياوي حرص ۽ هوس جي وبا ۾ وڪوڙجي ويا تہ مسلمان ملت جدا جدا ٽولن ۾ گروهن ۾ ورهائجي ويئي، ڇڙوڇڙ ٿي ويئي منجهس اسلامي قومي جذبو ۽ اخوت جو رشتو ختم ٿي ويو، جدائي ۽ ويڇن جا بہ منجهن ڪيئي نوان نوان رنگ ڍنگ نمودار ٿي پيا، پهرين نسل، خاندان ۽ ذات جي بنياد تي جدا جدا دائرا ٺاهيا ويا، پوءِ ملڪي، علاقائي ۽ صوبائي لحاظ کان، ٻولي ۽ ثقافت جي لحاظ کان جيئن ايراني، افغاني، مصري ترڪي وغيره ايستائين ڪافي نہ سمجهياؤن تہ منجهن فرقيواري ۽ مسلڪي تقسيمون وجود ۾ آيون. اهڙي طرح مسلمان ملت تقسيم در تقسيم ٿيندي، ننڍڙن ٽولن، جماعتن ۽ گروهن ۾ ورهائجي ڪمزور ٿي ويئي آخرڪار ٻين قومن جي محتاج، ذليل ۽ خوار ٿي ويا، اڄ ڏسو تہ پوري دنيا جي مسلمانن تي طرح طرح جون مصيبتون ڪڙڪن ٿيون.

بهرحال مسلمانن جي اخوت ۽ قومي ڪردار جو بنياد ايمان تي آهي، بس، سندن لاءِ اهو ئي ڪافي آهي تہ هر ماڻهو جو ايمان هڪ الله، هڪ

رسول ۽ ڪتاب تي هئڻ ڪپي، ۽ انهيءَ نظام هيٺ پوري انساني برادري ڪي امن ۽ سلامتي جو پيغام ڏنو ويجي ۽ سهڻي تدبير سان برائي ڪي مٿائڻ ۽ نيڪي ڪي عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويجي .